# لغات لطيفي

شمس العلماءِ مرزا قليچ بيگ

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو
حيدرآباد، سنڌ

مرزا قليچ بيگ
لغات لطيفي



جنهن ڪي سرڪار سڏي شوق مان 'شمس العلماءُ'،
سوجهرو تنهن ۾ نه ڪو، تنهن ۾ نه ڪو علم و ادب. (قليچ)

سنڌي ٻولي ۽ ادب جي محسن شمس العلماء مرزا قليچ بيگ جي اڻليپ
ڪتابن جو اشاعتي سلسلو

(٢)

حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي ٻه سو پنجاهين
ورسي جي موقعي تي شايع ڪيو ويو

# لغات لطيفي

(شاهه جي رسالي جي ڏکين لفظن جي معنيٰ سر وار)

شمس العلماء مرزا قليچ بيگ

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو
حيدرآباد، سنڌ
پاڪستان
١٤١٥ / ١٩٩٤

سڀ حق ۽ واسطا محفوظ

| | |
|---|---|
| پهريون ڇاپو: | ١٩١٤ع |
| ٻيو ڇاپو: | ١٩٦٧ع |
| ٽيون ڇاپو: | ١٤١٥ هه/١٩٩٤ع |
| تعداد: | ٻه هزار |
| قيمت: | ٤٠ روپيا |
| سستو ڇاپو : | ٢٠ روپيا |

Rs/80 -00

ملڻ جو هنڌ:
سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو
سنڌ صوبائي ميوزيم، نيشنل هاءِ وي
حيدرآباد، سنڌ
پاڪستان

هي ڪتاب سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران اشاعتي نگران امين لغاري الائيڊ
بڪ ڪمپني ڪراچي يونيورسٽي ڪراچي مان ڇپائي پڌرو ڪيو.

NEW GAZZAZ PRESS Karachi

# پيش لفظ

ڪتاب علم جي کاڻ هوندا آهن جن ۾ ڪيترائي ماڻڪ موتي لعل لڪل هوندا آهن. علم ادب ۽ انساني تهذيب جي ترقي انهن کان سواءِ ٿي نه ٿي سگهي. ڪنهن به زبان ۽ معاشري جي ترقيءَ جو اندازو ان جي ڪتابن مان ئي لڳائي سگهجي ٿو. مطلب ته علمي، ادبي خواهه سماجي ترقيءَ جي سلسلي ۾ ڪتاب نهايت ئي اثرائتو ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا.

شمس العلماءَ مرزا قليچ بيگ سنڌي ادب ۽ سماج کي ترقي وٺرائڻ لاءِ ڍگ ڪتابن جا لکي تيار ڪيا، سنڌن اهو احسان سنڌواسي ڪڏهن به وساري نه سگهندا. مرزا صاحب هوندي ته هر موضوع تي ڪتاب لکيا، پر حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي سوانح، ڪلام ۽ لغات تي جيڪو ڪم ڪيو، سو مثالي آهي. نه فقط شاهه صاحب جي سوانح لکيائون، پر شاهه سائين جو رسالو، ان جي ڪُنجي ۽ ان جي لغات پڻ تيار ڪيائون.

شاهه صاحب جي رسالي جا ڪيترائي ڇاپا مختلف وقتن تي شايع ٿيندا رهيا آهن. شروعات جرمن اسڪالر ڊاڪٽر ارنسٽ ٽُرمپ ڪئي. هن جرمنيءَ مان شاهه جو رسالو ڇپرايو. ان کان پوءِ بمبئي مان رسالو شايع ٿيندو رهيو. بعد ۾ سنڌ مان مختلف محققن رسالا تيار ڪري ڇپرايا. اهو سلسلو اڃا جاري آهي ۽ هر دور ۾ جاري رهندو.

مطلب ته شاهه صاحب جي رسالي جا ته ڪيترائي ڇاپا

ڇپجي پڌرا ٿيا، پر ان ڳالھ جي سخت ضرورت هئي تہ رسالي جي لغت تيار ڪئي وڃي. ان سلسلي ۾ سڀ کان پهرين ديوان ليلارام سنگ پاڻ موڪيو. هن شاھ صاحب ۽ شاھ سائين جي رسالي بابت انگريزي ۾ هڪ ڪتاب لکيو. ان ڪتاب جي پوين صفحن ۾ هن رسالي جي ڏکين لفظن جي معنيٰ ڏني آهي. ان لاءِ هن آخوند احمديءَ کان مدد ورتي. جيئن پاڻ ئي لکيو اٿائين تہ: ”مان ڪليو ڪلايو ڇوان ٿو تہ شاھ جي رسالي جا ڪيترا منجهائيندڙ ٽڪر، جيڪڏهن آخوند صاحب مون کي نہ سمجهائي ها، تہ مان سوين چُڪون ڪريان ها. تحقيق شاھ صاحب جي رسالي جي جيتري سڌ ڪيس آهي، تنهن جي اڌ جيتري بہ سڄيءَ سنڌ ۾ ٻئي ڪنهن کي ڪانهي“.

ليلا رام جي هن ڪتاب تي ديوان پيرو مل مهر چند آڏواڻي تنقيد لکي هئي، جيڪا اخبارن ۾ شايع ٿي. ڪتاب جون خوبيون ۽ خاميون بيان ڪندي لکيو اٿائين تہ، ”ايترو چئبو تہ، هندن ۾ رسالي پڙهڻ جو چاھ هن لغت ڇپجڻ کان پوءِ وڌيو.“

رسالي جي هڪ لغت پيرومل تيار ڪئي ۽ ان جو نالو ”غريب اللغات“ رکيائين. پيرو مل نہ فقط نثر نويس هو، پر سٺو شاعر بہ هو ۽ 'غريب' سندس تخلص هو. اهوئي سبب آهي جو هن انهيءَ لغت جو نالو غريب اللغات رکيو. پيرومل ٻارهن ورهين جي محنت کان پوءِ هيءَ لغت تيار ڪئي. ان لاءِ هو سنڌ جي مختلف ڀاڱن ۾ ويو، خاص طور لاڙ ۽ ٿر ۾ وڃي ڪيترن ئي لفظن جون معنائون معلوم ڪيائين. ان کان علاوه پرمانند ميوارام وٽان آخوند

ڇاپو ڇپرائي پڌرو ڪيو آهي. هن لغات ۾ نہ صرف بمبئي ڇاپي، بلڪہ ٻين رسالن ۾ آيل ڏکين لفظن جي معنيٰ پڻ ڏنل آهي.

مُني صديءَ کان بہ وڌيڪ عرصو گذري چڪو آهي، پر افسوس جو اسان اڃا سوڌو شاهہ صاحب جي رسالي جي ئي ڪا لغات تيار ڪري ڪونہ سگهيا آهيون. هينئر هن اداري جو فرض آهي تہ شاهہ جي رسالي جي مڪمل لغات تيار ڪرائي، نئين سر ڇپرائي. اسان پنهنجي هن فرض کان غافل ڪونہ آهيون. انشاءَ الله شاهہ صاحب جي ايندڙ ميڙي جي موقعي تي اوهان جي هٿن ۾ هڪ نئين لغات هوندي.

حيدرآباد سنڌ
١٨ جولاءِ ١٩٩٤ع

نواز علي شوق
چيئرمين
سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو

# ديباچو

شاهه عبداللطيف ڀٽائي، سنڌ جي مشهور اولياء ۽ شاعر جو احوال ڌار ڇپايو ويو آهي ۽ سندس رسالي جي مختصر تشريح به انهي ۾ ڏني وئي آهي، ليڪن رسالي ۾ جي بيشمار مشڪل لفظ آهن تن جي معنيٰ هيستائين سليس سنڌيءَ ۾ ڏنل ڪا نه ڏسڻ ۾ آئي، اگرچه ڪن ٿورن سرن جا لفظ ۽ معنائون ڌار ڇپايل آهن. تنهنڪري مون ڪوشش ڪري ساري رسالي جا مشڪل لفظ ۽ قرآن جون آيتون ۽ حديثون وغيره، گڏ ڪري، هر هڪ سُر جا لفظ ڌار الف بي وار ترتيب سان لکيا آهن، انهيءَ ته رسالي جي پڙهڻ وارن کي آساني ٿئي. هر هڪ لفظ جي پٺيان ٻن ڏنگين ليڪن ۾ فصل يا داستان جو عدد به ڏنو ويو آهي ۽ جتي به انگ ڏنل آهن اتي پهريون انگ سر يا راڳ جو آهي ۽ ٻيو انگ فصل يا داستان جو. جتي ساڳيو لفظ ٻن سرن ۾ به آيو آهي اتي انهي لفظ جي پٺيان اهي ٻيا نشان به اُتي انگن ۾ ڏنا ويا آهن ۽ وري انهن سرن ۾ نه ڏنا ويا آهن. هر گهڻن معنن لي ته ساڳيا لفظ ٻن معنائن سان جدا جدا سرن ۾ وري وري به ڏنا ويا آهن، جنهنڪري پڙهندڙن کي زياده آساني ٿيندي.

ميان محمد واصل درس ۽ آخوند عبدالرحيم ۽ ڪن ٻين صاحبن جون آهن.

هي ڪتاب شاهه جي رسالي جي لغت جو آهي، ٿهڪري انهيءَ جو نالو لغات لطيفي رکيو ويو آهي

حيدراباد
نومبر ١٩١٣ع

قليچ بيگ

## سرن ۽ فصلن جي ياداشت

| نمبر | سر | فصل يا داستان | نمبر | سر | فصل يا داستان |
|---|---|---|---|---|---|
| ١ | ڪليان | ٣ | ١٢ | ڪوهياري | ٦ |
| ٢ | يمن ڪليان | ٨ | ١٣ | حسيني | ١٢ |
| ٣ | کنڀات | ٢ | ١٤ | سورٺ | ٤ |
| ٤ | سراڳ | ٦ | ١٥ | ٻيراڳ هندي | ٣ |
| ٥ | ساموندي | ٣ | ١٦ | ابيات مثنوي | ١ |
| ٦ | سهڻي | ٩ ۽ متفرقہ ابيات | ١٧ | هيررانجهو | ١ |
| ٧ | سارنگ | ٤ | ١٨ | بروو سنڌي | ٣ |
| ٨ | ڪيڏارو | ٦ | ١٩ | مومل راڻو | ٧ |
| ٩ | سسئي (آبري) | ١١ ۽ متفرقہ بيت | ٢٠ | ڪاهوڙي | ٣ |
| ١٠ | معذوري | ٧ | ٢١ | رامڪلي | ٩ ۽ ٽيهہ اکري |
| ١١ | ديسي | ٧ | ٢٢ | رپ | ٢ |

| نمبر سر | فصل يا داستان | نمبر سر | فصل يا داستان |
|---|---|---|---|
| ۲۳ ليلا چنيسر | ۱ | ۳۱ مارئي | ۱ |
| ۲۴ ٻلاول | ۴ | ۳۲ ڍول مارئي | ۱ |
| ۲۵ ڏاھر | ۴ | ۳۳ ڏنا سري | ۲ |
| ۲٦ ڪاپائي | ۲ | ۳۴ پورب | ۲ |
| ۲۷ پرڀاتي | ۱ | ۳۵ ڪاموڏ | ۳ |
| ۲۸ گھاتو | ۱ | ۳٦ ڪارايل | ۲ |
| ۲۹ شينھن ڪيڏارو | ۱ | ۳۷ بسنت بھار | ۱ |
| ۳۰ آسا | ۴ | | |

اشارو — سرڪاري رسالي ۽ ٻمبئي ڇاپ واري رسالي جي وچ ۾ سرن ۽ فصلن يا داستانن جي نسبت ۾ ھي تفاوت آھي ته معين يادداشت سرڪاري رسالي موجب آھي. ٻمبئي ڇاپ واري ۾ سر ۳ سراڳ، ۴ ساموندي، ۵ سھڻي، ۽ ٦ ڪنڀات آھي — برابر آھن، ۽ فصلن ۾ سر يمن ڪليان يا ڄمن ۾ ۸ جي بدران ۹ فصل آھن، مگر اھو نائون فصل ھن رسالي جي ٽئين فصل ۾ اچي ويو آھي — گھاتو ٻيت وڌيڪ آھن ۽ ڪي ٻيت اڳي پوءِ آھن ۽ ڪن جون ٽڙ ٽڪيون ٻيون آھن ھر اھي سڀ سدارا ٽئين شاھ جي رسالي ۾ ڏيکاريا ويا آھن.

# لُغاتِ لَطِيفي

## ا- سر كلياڻ

### ا

آخر وَالعَصْر جو (٣) وَالعَصْرُ قرآن جي ١٠٣١) سُورَة آهي
أنهيءَ جو آخرين لفظ صبر آهي
تنهنڪري معناءِ آهي صبر
آمرَّ (٣) آسرو - أميد (١٠-٥)
آڳو (١) خُدا تعاليٰ - ڌڻي - آغا
(٢١-٢) (٢-٨) (٦-٨)
أبيءَ (٢) بيني - ڪڙي
اڇ (٢) انت - اندر جو حال -
خبر - حقيقت - نهايت

أتائُون (٣١) جيائون (أتڻ - جوڙڻ)
أتائين (١) جيائين
أتو (١) جيو (١١-٢)
اجَلَ (١) موت - ڪُتي (١٢-٢)
أحَد (١) هڪڙو - واحد -
خُدا تعاليٰ جو نالو (٢-٥)
(٣٠-٤)
اڏي (١) ڪاٺ جو ٽڪر
جنهن تي گوشت ڪٽيندا
آهن يا مڇي وڍيندا آهن
(٢-٤) (٣٥-١)
ازَلُ (١) شروعات - اصل
اعلٰي (١) وڏو - مقامون (١٣)

آڇرو (٢) اڳي - مُقدّم

آڳهالي (٢) بيماري - رنج - درد ڏکر

آڪهي (٢) قبول ٿئي

اِلّا اللّٰه (٢) ڪلمي جو اثباتي ڀاڱو- يعني مگر الله يا فقط الله (١٢-٣)

اِلٽي (٣) اُبتي - برعڪس

اَلَستُ بِرَبِّڪُمْ (٣) قرآن مان، يعني آءٌ اوهانجو رب نه آهيان ڇا؟ (سوره ٧) (٥-٦) (٢١-٣)

اَنَا مَوْلاَ لَكَ وَاَنْتَ مَحْبُوبِي (١) حديث قدسي حضرت صلعم جي نسبت يعني آءٌ تنهنجو ڌڻي آهيان ۽ تون منهنجو محبوب آهين.

اَلَتُ (٢) خبر- ڳُجهه - ماديت حقيقت - نهايت - ڀُڄاڻي - ترو (٢-٩)

آلدوهه (١) غمُ - ڏُکر - درد

اَلڪُ - قسمت - نصيب - سرنوشت - لکيو - لوح محفوظ (٦-٨)

اَلڪُ (٢) ٻُت -- جسم - بدن عضور

اَوَتَرُ (١) اُبتو ترُ- ڏُکيو ترُ- اُبي کهريو ترُ

اَوُر (٣) وڏيڪ - عمدو -- ڏور

اوليو (١) ڏُکيو (اولڻ- ڏکڻ)

آوَرُڻُ (٣) حال بيان ڪرڻ- وندرڻ (٣-١)

اونهي (٣) مٿي - اتانهين- بلند

اُوءِ (٢). هُو - اُهي

اَهَنجُ (٢) ڏکر- درد - سور

## ٻ

ٻادل (٣) ڪڪر - مينهن سان
ڀريل ڪڪر (١-٧)

ٻالله (١) قسم خدا جو - (٦-٤)
(٣-١) (٣١-١)

ٻالم (١) خوش - بي پرواهه
بيخوف - محبوب

ٻهاوان (٣) وڄائن (سرائڪي)

بي بها (١) بي قيمت - انمله

## ڀ

ڀڪر (١) ٻاکر - ڳراٽي

## ت

تات (٣) ڳڻتي - ويچار - ذڪر
طلب

ٽپڻ (٣) زخمي ڪرڻ - ڦٽڻ
تير يا نيزو هڻڻ

ترڪ (١) ڇڏڻ - ترڪ ڪرڻ

ترڻ (٣) هڪالڻ - تڙي ڪڍڻ
لوڏڻ

تڪ (٢) ڍڪ - ڳيت - ٽڪر يا
گوشت جو ٽڪر - گاهه جو قسم
(٢-٤) (٣-٢) (٩-١) (٢٤-٣)

تنوارڻ (١) تند ڇورڻ - هلائڻ
بولائڻ - وڄائڻ (٦-٩)

تنوار (١) بولي - ذڪر - آواز
(٦-٢)

تور (٢) تورو - ذرو - ترهه -
تڏهن به، تڏهن ڪري

تيلهه - تيلهه (٢) تڏهن -
تيڏهن - تڏهن

## ٽ

ٽوهه (۲) مشهور ڪڙي شي - زهر

## پ

پاپوهڻ (۳) مرڪڻ - خوش ٿيڻ (۳-۱) (۲۱-۱) (۲۳-۶)

پار (۲) نشان - عادتون - ڪم طرف

پاهون (۲) پري - پراهون - بنيان

پچار (۲) ذڪر - اشارو - بيان

پر (۲) دستور - عادت - طرز - گجهه - اندر - رمز

پرپتڙو (۲) دوستي - پريت (۹-۱

پرک (۱) نظر - نگاهه

پروار (۱) پدرو - ظاهر

پري (۲) برابر اچي - پوري اچي

پڙاڏو (۱) پڙلاءُ - سڏ (۲-۶) (۱۰-۷)

پڪ (۲) ڏڪ - ڇڪو - ٺڪ پاوات جو پاڻي (۶-۲) (۳-۲، (۱۲-۵) (۱۳-۵)

پڪن (۱) پکي پکڻ (۱۷-۳)

پهه (۱) خيال

پهت (۲) لائق - چال - دستور

پيچ (۲) پيچي - آش - دوا - ڪاڄهي

پيڙا (۳) پيڙ - بيماري - درد

## ق

قوڙائو (۱) فراق - جدائي

ج

جُه (٢) جو - جيئن - جي
جيڪڏهن (٢-٤) (١٠-١)

جامَ (٣) پيالو

جَلْ (٣) پاڻي

جَلَّ جَلالُهٗ (١) خُدا جي وڏائي
وڏي آهي

جِهَرُ (٢) متان - مبادا (٢-٦)
(١٣٢)

جَنت (١) بهشت - بهشت جو
باغ

جِيُ (١) سامر - جان

جِيائين (٢) جتي - جِتان -
جِتائين - جدهنڪان

جيلنهن - جيلهن - جيلهنهن (٢)
جيڏانهن - جيئن - جڏهن
مان

جُهڏيون (٢) مڪ جيڏيُون -
سرتيُون - ساهيڙيون -
اديون

جهه

جهه

جهاڻُ (٣) پاڻٺ - پهدار - هٿ
جهُلْ (٣) مُل - وچ (سرائڪي)

چ

چاڪَ (٢) زخم - ڦٽ
چاپائين (١) چوا پائين
چڇرڻ (١) ذرا ذرا ڪرڻ -
ٽيمو ڪرڻ - چِڇرجڻ
ذرا ذرا ٿيڻ (٢١-٤)
چِڪڻ (٢) رت چڙڻ - سوُر
ڪرڻ

ڇَنگ چڙهڻ (٢) خوش ٿيڻ- سهنگارجڻ (٦-٦) پڌرو ٿيڻ - مشهور ٿيڻ

ڇُڻ ڇُڻ (٢) جوندي جوندي

ڇيتُ ڪري (٣) دل لائي - چت لاءِ - خيال ۽ خبرداريءَ سان

ڇينڪ (٣) جادو

ح

حامي (١) حمايتي - حمايت ڪندڙ- بچائيندڙ (١-٣)

حَبيب (٣) دوست - محبوب (١١-٤)

حقيقت (١) سلوڪ جو چوٿون يا وڏو درجو. پهرين ٽي آهن شريعت طريقت ۽ معرفت (٢١-٥) (٣٠-٤)

حمد (١) تعريف - شڪرانو- (٤-١)

د

دارُو (٣) دوا - علاج

دَرِسَن (١) ديدار - تماشو

درماندي (٢) عاجز- حيران ملول (٣-٢٣) (٣-٦) (١ ٦٦)

دوسان (٢) دوستان - دوستن جو

دوکَ (٢) ٽڪر گوشت يا ڪاڻ جا

ديکڻ (٣) ڏسڻ (٦-٤) (٣-١) (١٠-٧) (١٣-٣) (٢١-١) (٣٠-٢) (٣٠-٤)

ڏ

ڏُ ٺا (١) ڏٺيا - چُونڊيا - پسند ڪيا

ڏ

ڏُکندو (٣) بيماري - مرض - درد - ڏُکر - گنامر - مريض (٢-٨)

ڏِکي (١) سينگار - ڏِکر

ڏُکيپ ڏيڻ (٣) داغ ڏيڻ - عذاب ڏيڻ

ڏورڻ (١) گولڻ - ووڙڻ

ڏيساندر (١) ڏساندر - ڏيهه - ملڪ - ولايت - پرديس

ڏيل (٢) ٻت - بدن - جسم - اندر (٥-٣) (٩-٣)

ڍ

ڍُوليڻ (١) گولڻ - نهارڻ

ر

رقيب (٣) نگهبان - سنڀاليندڙ خدا جو نالو (٩-٤)

رَمز (٢) اشارو - گجهه - راز

رُوء (٢) صورت - حالت - شڪل منهن

س

سائُر (٢) دوا - علاج

سالم (١) صحيح سلامت

سائُو (٢) بهادر - دلير

سَتّار (٣) ڍڪيندڙ - ستر ڪندڙ خدا جو نالو (٢١-٤)

سُنڙ (۱) ڄڱو تڙ - سهڄو تڙ - ٻار

سَٿ (۱) ڪچهري - جماعت - ساٿاري

سَٽِ (۲) ناز - نذر - نذرانو - وڏُ ڪُٽَ - ٻوٽ - مراد - سَٽ سِٽ - عيوض - مال - سَٽ ڪٽ (۱۱-۳)

سُپيريان (۱) سپرين - پرين - دوست - محبوب

سُڄي (۱) سڄاڻي - ٻڌجي

سَڄ (۳) نسبت - واسطو - سَڄڻ يا سچ ڪرڻ - ڇتائڻ - اڳڀرو ڪرڻ

سُنڌڙيا - سُڌڙيون (۲) اڄيون سڌون ڪندڙ (۹-۴)

سرائُون (۱) حويليون - جهانُ

سرو (۲) شراب (۲-۴)

سُعادت (۲) نيڪبختي - سڳورائي - خوش نصيبي

(۲۱-۱۰)

سُڪوت (۳) ماٺِ - چپ (يا سڪوترائي)

سُڪائون (۲) منتون - مڃتائون خوشيون - سَڌون

سُگهڙي (۲) گُٺن واري

سُلهاڙيو (۲) ٻڌيو - گڏيو - اٽڪايو

سُمَن (۲) هڪڙي هندي شاعر جو نالو

سُنڌڻ (۳) گهٽا ڏينهن هڪڙي حال ۾ رکڻ - رکي ڇڏڻ رکڻ

سمرو - سُمُرا (۲) خوش (۲۱-۲)

سميهڙا (۱) سنيها - پيغام - نياپا

سوجهڻ (۳) نهارڻ - جڪاسڻ (۲۰-۱)

سُهسين (۱) هزارين - گهڻا

سُڌا (۱) ٻڌا - سُٽيا

صُبح (٢) سوجهرو - ڪُتِ - فجر

صُبُح (٢) شيخ ڪباب ڀُڃائڻ جي (٦-٦)

صيقُ (٢) ساڃاڻو - دوست - محبوب

ط

طالب (١) گهرندڙ - طلب ڪندڙ - عاشق

طريقت (١) سلوڪ جو رستو - تصوف جو ٻيو درجو. پهريون شريعت ۽ ٽيون معرفت ۽ حقيقت

ع

عظيم (٢) وڏو - خُدا جو نالو

عَليم (١) علم وارو - ڄاڻندڙ -

عُشن (٣) ٻج - نسورو - محض - الف بي جو اکر (٣٠-١)

ف

فَاذْكُرُونِيْ اَذْكُرْكُمْ (٣) قرآن (٢ سورة) مان - يعني پوءِ اوهين مونکي ياد ڪريو ته آءٌ اوهانکي ياد ڪريان (١-٣) (٢-٧) (٦-١) (١-٢١) (١-٣١)

فائِق (١) وڏو - مٿانهون - بهتر - وڌو - فوقيت وارو - فيض وارو (٦-٦) (٤-٨) (١٩-٣)

فرض، واجب، سُنتون، (١) ديني فرض يا خُدا جا حُڪم ۽ ديني واجبات يا ضروري سُنتون ۽ ديني سنتون جي ضروري ناهن

## ق

قاتل (٢) قتل ڪندڙ- ماريندڙ- هتي زهر (٢-٢)

قادِر (١) قدرت يا طاقت وارو- خدا جو هڪڙو نالو

قبُول (٢) قبوليت - پسندي راضپو

قديم (١) آڳاٽو- ازل کان- خدا جو هڪڙو نالو

قرارُ (٢) انجام - واعدو

قُرب (٣) پسنديءَ جهڙو ڪر- عادت

قرِيب (٣) دوست - پرين - محبوب - سڄڻ

قصر (١) ماڙي- محلات (٢-٥) (١-١٤)

قطرو (٢) ڦڙو- شراب جو ڦُڪو

قلب - قلوب (١) دِل - هديون

(٢-٥) (١١-٧) (٣٠-٣) (٣١-١)

قَهارُ (٣) زبردست- زور وارو- جبار- خدا جو نالو

## ڪ

ڪاتُ (٢) وڏي ڪاتي- خنجر

ڪارڻي (١) سام - شفيع- سفارش ڪندڙ- حامي (٦)

ڪانهن (١) چا (٢-٥)

ڪايا (١) جسم- صورت - بدن (٩-٣) (١٠-١)

ڪِني (١) ڪٺي (سرائڪي)

ڪثرت (١) گهڻائي- وحدت جو ضد (٣٠-٤)

ڪهاڙيان (٢) چالاءِ- چاڪاڻ ڪهڙي سبب

ڪَرَ (١) ڪَلَ - خبر - سُڌِ
ڪَرڪو (٢) آواز
ڪرّي (٢) ديڳ جو ڪرو يا
حلقو - ڦت جي ڪَرّي
ڪَڪُوهُ (١) شراب
ڪلار - ڪلال (٢) شراب
ڪيندڙ
ڪلالڪي هٽ (٢) ڪلال
جي هٽ تي - شراب
فروش جي دُڪان
تي -
ڪليان (٣) مُکريون
ڪمال (١) ڪماليت - گهڻو -
ڪامل پورو - زور -
عُمدائي (٢-٣)
ڪنارَ (٣) ڪناري (٢)
ڪنارو - ڪنڌي - حد
(٧-١)
ڪنجهه (٢) ڪُرڪ - دانهن ڪر

ڪَنْوَل (٣) گل بنفشہ - پيڻ جو
گل
ڪُونڙ (٣) سڌڻ
ڪوپ (٢) ظلم - قهر - زبردستي
ڏاڍائي
ڪورين (١) وڏين - ڪپين -
(ڪورڻ)؛
ڪوڙين (١) ويهون - گهٽا -
ڪروڙين
ڪُوءِ (٢) گلي - گهٽي (پارسي
ڪُوئي)
ڪُهه - ڪوهُه (٢) جو - جا لاءِ
(٢-٤)

## ڪم

ڪانئِيءِ (٢) جلائي - سارئي -
(ڪانئڻ)

## ڳ

ڳاٽُ (٣) ڳاٽو - گردن

ڳري (٢) مٿ - مٿ ڀر - وٽ - ويجهو (٦ـ٧)

ڳڙڪيون (١) ڊريون - سوراخ تنگ

ڳنهڻ (٢) وٺڻ (٢ـ٨)

ڳيڙُئي (٢) ڳڏئي - ورتُئي - ولُئي

## گهه

گهايل (٢) زخميل - قتيل

گهٽ (١) گهٽي - گهر - گس - در - رستو - نڪرڻ جي جاءِ (٢ـ٧)

گهوٽ (٢) گهوٽو - شراب

## ل

لا ڏٺ (١) وائي - ٻولي

لَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ

(١) (قرآن ٢ سور وغيره)

يعني مٿنکي خوف

ڪونهي نڪو ڏهن کي

ڏکُ رسندو - يعني

اوليائين کي

لڇڻ (٢) لڏڻ - لچڪڻ - ڏڪڻ

لِڏ ائِي (٢) لڪئي سان - قسمت سان - نصيبن سان

لِسان (١) زبان - جيڀ (١٨ـ٣) (٢١ـ١) (٣٠ ٤)

لَنئُن - لئون (٢) عشق - محبت نينهن - لهر (٦ـ٧)

م

مالو (٢) وڌو مٽ - شراب جو مٽ

مامور (١) امر ڪيل - مقرر - نصيب ۾ - قسمت ۾ (١١-٢)

متارا (٢) تلها - بهادر

مٽ (٢) شراب جو مٽ

مِنايان (٣) مِنائي ڪان

مَپُڇ (٢) متان - مبادا (٣-٢) (١٣-١٢)

مَد (٢) مَنڌ - شراب

مُڏونا (٣) ڪاريون ماڪوڙيون - ڪَٽ

مُشاهدو (٢) ديدار - وصال - (٣-٢) (٣٠-٢)

معرفت (١) خدا کي سڃاڻڻ - سلوڪ جو چوٿون درجو

پهريان ٽي آهن شريعت طريقت ۽ حقيقت (١-٢١ه) (٣٠-٤)

معمور (١) آباد - وسندڙ

مُڪائين (١) موڪليائين

مَنڌُ مندُ (٢) ٻُڌُ - شراب

منجهه (٢) اندر - گجهو حال - راز

مُنيائي (٢) مُڏيائي - مُڏي - لمي

مُٺيا (١) روشنائي - نور - سُونهن تجلي

مَٺيادار (١) نور وارو - سهڻو (١٤-١)

موران (١) ماڪوڙيون - ڪيوليون (پارسي مور)

مُونڪر (٣) مونکي

مهائي (٢) وڏيل - مهمايل - آزمودگار - بهادر

مِهر (٣) مهرباني - محبت
مُهَڻ (٣) عذاب ڏيڻ - رنجهائڻ
فنا ڪرڻ - ناس ڪرڻ-
(مجهول - مُسڻ)
مُهيسر (٢) منڊڪونالو خدا جو-
پير-مغان
مُيڙاؤ (٣) وصال - ميلاپ
ميهڻو (٢) مهڻو - عيب - عار

ن

نائين (١) نوائين - نمائين -
نِڱيو (٢) نڪتو (٢-٧)
نِرتيون (٢) نِرت مان - ڏيان
سان - صدق مان
نِسورو (١) نج - صاف - خالص
(١١-۴)
نظاري (٢) ظاهر - پڌرا
نِيَن (٣) اکيون

اِينهن (١) عشق محبت

و

وائيندڙ (٢) وڄيندڙ - ڏيندڙ
ويرها ئيندڙ
واڄٽ (٢) واڄا - ساز - باجا
نغارا
وايوڙجڻ (٣) زخمي ٿيڻ -
ڦٽجڻ (١٠-٢)
وار (٣) ڀيرو - وارو - وقت
وَاللّٰهُ خَيرُالمَاڪِرِيْنَ (٣) قرآن
(٣ ؛ ٨ سورة) يعني ؛
خُدا سڀني مڪر ڪرڻ
وارن مان چڱو آهي
وَالْعَصْر (٣) قرآن جي ١٠٣ سُورت جو
نالو جنهن جو مڍ جو لفظ
وَالعَصر آهي ؛ معنيٰ زماني
جو صبر

واڻيندڙ (٢) گذيندڙ
وَاهرو (١) مدد ڏيندڙ - واهر ڏيندڙ - سڀاليندڙ (٣-٢) (٣-١)
٢ وائي (١) ٻولي - آواز
وَتُعِزُّ مَنْ تَشَاءُ وَتُذِلُّ مَنْ تَشَاءُ (٣) قرآن (٣ سوره) يعني ؛ جنهنکي وڻيس تنهنکي عزت ڏئي ؛ جنهنکي وڻيس تنهنکي ذليل ۽ خوار خراب ڪري ٢٧-١)
وَنَڻ (٣) ونڊڻ - ورادڻ
وٽي (٢) ننڍو وٽو - ڪٽوري پيالي شراب جي
وچ (٣) اندر - ۾ - منجهه
وحدت (١) هيڪڙائي - ڪثرت جو ضد
وَحْدَهٗ لَا شَرِيكَ لَهٗ (١) قرآن مان

هو هڪڙو آهي ؛ سندس ڪو شريڪ ڪونهي، يعني خدا
وُرُ (١) ڏنگ - وڪڙ - انڪل
وِرسڻ (١) يُلڻ (٢-١)
وِرمڻ (٢) ويرم ڪرڻ - دير ڪرڻ - ترسڻ
وَرنهه (٢) چڱا ماڻهو - سگهڙ - گهوٽ - ٻهادر مرد
وَوڙڻ (١) گهولڻ - ٻچائڻ - ورنهن ڪرڻ
وهُم (٢) زهر (٣-٢)
وُهائڻ (٢) منُجهائڻ - موگو ڪرڻ - گهٻرو وجهڻ
وِهائڻ (٣) سَوُدڻ - خريد ڪرڻ (١-١) (٢-١)
وِهسڻ (٢) خوش ٿيڻ (٦-٢) (٧-٣)
وِيءُ (١) وکر - نيڪي - هنر - علم

ولي (١) طبيب - حڪيم
ويري (١) دشمن - ويرولندڙ (٣٠-١)

# ھ

ھادي (١) هدايت ڪندڙ - رستو ڏيکاريندڙ - خدا جو نالو (٦-٦)

ھاشمي (١) هاشم جو اولاد - بني هاشم - يعني حضرت رسول صلعم

ھڏ - هڏ هن (٢) ضرور - اڳتي پلا - بلڪل - مور (٩-٥)

ھر زمان (٣) هر وقت

ھُلاچو (١) هُلاچو - هُل - هنگامو گوڙ (٦-٤)

ھُوءِ (٢) هُل - غوغا (٦-٤)

ھيجان (١) هيج مان - محبت مان - شوق مان

ھمڪار (٣) هيڪر - هڪيري

# ٢ـ سُرُ يمن ڪلياڻ

## ا

آئي (٤) حق جو طالب - حق ۾ محو (٣٠-٤)

آئيا (٤) ڳالهه ٿيا - ٻڙيا - گهريا محو ٿيا

آچام (٦) تير جو نشان - هدف

آڳب (٣) آڳ باهه (١٢-٣)

آڳڙيو (٣) آڳ يا باهه وارو يعني لهار - صيقلگر يا ڪٽ لاهيندڙ ءِ صاف ڪندڙ

آسائگو (٦) آسرو، اُميد

آءِ (٥) آءٌ ڪار- خودي- ٻئي پاڻ (٩-١١) (٢١-٤) (٣٠-١)

اُبهڻ (٢) بچڻ- امن ۾ رهڻ (٢-٦)

اَپنگ (٦) اچنگ- اچانڪ- اوچتو

اُپ (٥) آسمان

اپاڳيا (٥) نياڳا- بد بخت- ندورا

اپو (٦) اپي (٤) ٻيو- ٻئي

اپڻ (٨) ٻيهڻ

اپِتيا (٤) پتيا- ڪوليا (٥-٤)

اپُر (٦) گهٽو- ڏاڍو

اَپِنگ (٦) آيرو- ضعيف- ساز

اُجارڻ (٥) سُڌارڻ- روشن ڪرڻ

اجهاٽا (٣) وساميل- ٿڌا- جنهن شق جي باهہ ڪانهي

اُجهڻ (٥) (٨) وجڻ-- گُهمڻ

ڏورڻ- گولڻ- نهارڻ (١٨-١)

اُجهي اُجهي (٢) ڏوري ء سمجهي- سمجهي ٻُڄهي

اچنگ (٦) اوچتو

اچَل (٩) تکڙ- شتابي

احِدا (٥) احدِ يا خدا کان

اَحَمد (٥) مُحمد- حضرت رسول صلعم جو نالو

آڏيار (٥) پاسو ڪندڙ

آرڪ (٥) بيزار (٤-٢) (٢١-٢) (٢١-٣) (٢١-٩) (٣٠-٤) بيوفا- نا پرهيزگار- نه رکندڙ

اروٽ (٩) ڪچو- خام- ٿير وائف- محبت ڏارا

اسار (٥) ڏافل، وسيلو

اِسمِ اَعظم (٥) خُدا جو وڏو نالو- سڀ کان گهٽي اثروارو خُدا جو نالو

اسَهڻ (٨) روانو ٿيڻ- تيار ٿيڻ- وجڻ

اَڪارڻ (٣) لنگهائڻ- پار نيڻ- چاڙهڻ (٣-١) (١٨-٢)

اَڪثر (٥) ڪثرت - گهڻائي

اَڪوڙڻ (١) هٿ - ڪڍڻ

اَڳرائي (٦) زيادتي - پيشدستي

اَلا ن (٣) شعلا

اَلنيا (٢) اُونڌا ٿي ڪريا - اڃي ليٽيا

اَلڙ (٨) اڻڄاڻ - بيعقل - پورڙو ڪاچو - چٽ

الفُ (٥) پهريون اکر يعني الله (١-٢٢) (١-٥) (٣٠-٣) (٣٣-٨)

اَنگ (٥) جنهنجي لکٽي ڪانه پوي - جو پڌرو ناهي - نامعلوم بيچون بيچگون يعني خدا - (١-٢٢) (١-٣) (١-٩)

اَمر (٨) خدا جو حڪم - فرمان - تقدير (١١-١)

اَمل (٥) املہ ماڻڪ - بي بها موتي - موتي (٣-٣)

اميري (٨) اجرڪ جهڙو ڳڙو ڪپڙو جو ڪنڌار کي ڍڪائيندا آهن ؛ انهي جو پلؤ گهوٽ جي پلؤسان اٽڪائي اُنکي گهوٽ جي گهر وٺي ويندا آهن - پلؤ - پاند - چادر ڳڙو ڏاڳي جو جيڙو پٽي سان ملائي وٽ ڏيڻ - پيچ - ياراڻي دوستي

اَنگون (٧) سُوريون (٩-٢)

اَنواعَ (١) گهڻا قسم - طرحين طرحين (جمع نوع جو)

اَڪي (٨) نرڪيل

اَوائي (٨) توائي - بيفائدو - خراب وائي وارو - جنهن ڳالهائڻ جي فضيلت نه هجي (٩-٨) (١٨-١)

اوچون (٥) عاجز - بيزار - ڪڪ گندپون - ڳوڙها

اوچون (٧) پرزا - عاجز - بيزار -

مونجهه ـ حيراني ـ پريشاني

اوچي (٤) ضعيف ـ خسيس ـ گهٽ

اوڙ (٥) مرڻ جي ڪيڙ يا ليڪ

آوڙڪ (١) آخر ـ عاقبت ـ نيٺ ـ پوپان پوءِ ـ بلڪل (٦-٥)

اوطاق (٥) وهڻ جي جاءِ ـ رهڻ جي جاءِ (١١-٢)

آوگڻ (٨) برائي ـ ڪُمهري ـ نا مهرباني

اولڙو (٤) عمدو ـ خاصو ـ عجيب يعني شراب

اويسار (٥) گهٽي ـ نه وسرندڙ ـ هميشه ياد

اُهکي (٣) اوکي ـ ڏکيائي مشڪلات

ايڪُ (٤) هڪُ ـ هڪڙو

## ب

باري (٦) گرا

بازلدا (٥) بازي ڪندڙ ـ مدر ڏيکاريندڙ

بازي (٥) هنرُ ـ چالاڪي ـ لگي (٣-٤)

بانَ (٦) بائڻ ـ تير

بَنيُون (٤) شراب ڪيڻ جون جايون ـ ڪلال خانا

بُنيُون (٤) قبرون

بِدانشيني بشن (٤) (بلوچڪي) جي سمجهه ۾ بُد

بده ساقي برخيز (٤) (پارسي) اي ساقي اٿ ۽ (شراب) ڏي

بُرقعان اندر (٣) بُتَ منجهه ـ بَدن ۾

بِسم الله (٥) خُدا جي نالي سان قرآن جو مُنڍ ـ شروعات

ٻسهر (۴) گهڻو (بسيار) ناڻگ

ٻُڪيُون (۳) گُردا

## ٻ

ٻا ٻرُٺن (۳) ٻهر جي ڪالين ۾ جنجي ٻاهر نڪي ني ٿئي

ٻاجهائي (٦) ٻاجهه ڪري - مهرباني ڪري (۹-۱۲)

ٻارهين (۴) ٻارهين مهيني

ٻاڻُ (۱) تير - ڪانُ (۱۳-٦) (۲۵-۴)

ٻاهَه (۳) ٻاهر - شوق - خواهش - عشق

ٻُجهڻ (۱) (۲) سمجهڻ - جاڻڻ - پاڻڻ (۴-۲) (۲۱-۴)

ٻرِ (۳) مَيَ - افسوس

ٻڪِيِ (۱) دوا درمل - ٽوٽڪو - صفوف

ٻنگ - ٻنگا (۱) فرصت جو وقت - وجهه (٦-۱)

ٻوڏ (۸) سَدُ جو خراب يا ڪاوڙ جو جواب - ڦوت - يعني وجهي ٻڌ (صَدِ جيِ) (۱۰-۱)

ٻهُون (٥) گهڻو - گهڻا (٦-۱) (۹-۴) (۲۹-۱) (۳۰-۴)

## ٻ

ٻَت (٥) قسم - طرح - دستور (۳-٦) (۲۳-۱) (۱۳-٦) (۱۳-۱۲)

ٻتويت - ٻتو ٻتين (۸) قسمين قسميڻ - طرحين طرحين (۱۳-٦)

ٻلَن (۷) چڱن - سگهورن - بزرگن

ٻُڙڪ (۱) ٻُڙڪو - ڳالهه ٻولهه

ٻورو (۷) ٻورڙو - اڻ ڄاڻ - جاهل

ٻُون (۱) زمين (٦-۱) (۱۳-۴)

ٻيڏي ٻر (۳) آگر جي تيڪ يا

پاسو ـ ڪرائي جي هڏي جي ليڪ
ڀيرُ (٧) مدد ـ ڀيرو (٦ ـ ٧) ڪُن
ڀير ڪَرڻ (٥) ٻُرڻ ـ ڪُنڪرڻ سير ڪرڻ
ڀيرڻ (٥) ڏُور ڪرڻ ـ هلائڻ .
ڦيرائڻ ـ وَڪڙ ڏيڻ ـ ورائڻ (٦ـ٣) (١٣ـ٢) (١٩ ـ ٥)

## ت

تاڙي (٥) در بند ڪرڻ جي تاڙي ـ روڪ ـ اٽڪ (١١ ـ ٢)
تاپاڻون (٣) توڏ نائون ـ تپاپائون
تَرمُس (٢) قياس ـ رحم
تُسي (٥) خوش ٿي ـ راضي ٿي مهرباني ڪري (١٨ـ٢) (٣٣ـ١)
تَڪڻ (٤) نظرڻ اکيون وجهڻ جاچڻ ـ صحيح ڪرڻ ـ نهارڻ ـ گولڻ (٦ـ٢)
تُماري (٢) تُنهنجي
تُند (٨) تُندي ـ شوخي ـ ڪاوڙ ڏمر
تَنوا ريو (٢) سڌ يو (تنوارڻ)
تَوانو (٢) سگهو ـ تندرست
توڙ (١) نهايت ـ پڇاڙي ـ آخر (٤ ـ ٥)
تي (٨) تڏهن ـ تيلانهن ـ تر پڻ ـ تڏهن ٻر (٥ ـ ١) (٦ ـ ٩) (٩ ـ ٤)
تيائين (٥) تتائين ـ تِتان
تيغ (٣) ترار (٧ ـ ٣)

## ٿ

ٿوڪ ـ ٿوڪُ (٨) شيءِ ـ ٿول ـ چيز ـ مطلب ـ مراد ـ اسباب ـ وڏي وٿ ـ وڏي شيءِ (٣ ـ ٢) (٧ ـ ٣) (١٤ـ ٤) (٢٣ـ ١) (٢٨ـ ١) (٣١ـ ١)
ٿمڪ مَ (١) صبر نہ ڪر ـ قياس نہ ڪر ـ ترار ميان ٻر نہ وجهہ

ڪمر جهوڙي ويهي نه رهه - ڪمر
ٻڌ نه ڪر

ٺ

ٺيڪُرُ (٣) ٺڪرو ٻکي جو ٻاٽيءَ
رُنبي هٽي مڇي ماري جهٽ
ٻاهر نڪرندو آهي - هتي
تِيرُ، جو انهي ٻکيءَ وانگي
نڪريٿو

ٿ

ٿارُ (٢) فائدو - آرام
ٿَپُ (٢) ڦَٽُ - وڍ - زخم (٢-٧)

پ

پارو (٥) ٽڪرو - سيپارو يعني
قرآن جو ٽيهون حصو يا جزو
(پارسي پارهٔ)
پاڪرين (٦) پڪريل - عزت وارنکي
پيارنکي - سرتون

پالڻ (٦) تي - مٿان - جيتري قدر
يا پهڏ تي - پلؤ - سان - ۾ - مڏجهه
ڏي - پاسي (٦-٥) (٦-١٠)
(٧-٣) (٣-٢)
پاهان پکڻ مڪ ليج (٦) پويان پير
نه کڻج - لاڳي مٿان وڃين -
پوئين پيرين نه وڃ
پَتِ (٢) ويساهه - اعتبار - وعدو
پَتنگ (٩) پروانو
پِتي ليوني (٤) نظر آيُن -
مٿن اثر ڪيو - دل تي پين
پَتي (٧) خدمت ۾ - حضور ۾ -
بلڪل
پُڇڻ (٩) سُڙڻ - سيڪڻ - باهه -
انتظار ڪرڻ (٥-٣) (٦-٦)
پَرُ (٤) پرسال - گذريل ورهه
پِرتِ (١) دوستي - پريت - محبت
پَرکِ (٤) جڪاس ڪر - خبرلهه

ٻَرَڻ (٩) ماڻ - ٻند ڪرڻ (٥-٣) (٦-٦)

ٻَرو (۴) پتو - نشان

ٻَرباو (٥) دستور - رسم - خيال - سمجهه

ٻَرِين (۴) گذارين - گذران ڪرين

ٻکہ (٣) ڪنب - تير

ٻَلَوُ (٨) ٻاند - ڪپڙي جي ڪنبذ جهولي

ٻَليتو (۴) ٻارسي فتيلو - وٽ - بندوق دکائڻ جي وٽ

ٻَنو (٥) ڪاغذ - ورق

ٻِيي (١) مرهم - ڦٽ تي رکڻ جي شئي

ٻُوچ (٣) ٻر - گهٽو (٣-٢) (٧-١)

ٻوشيدا (۴) ملوڪ - پاڪيزا - چڱا ماڻهو

ٻُهه (٩) حال - رت - خيال (٩-٣)

ٻهاڻ (٣) ٻهڻ

ٻهڪار (٥) ملاح ڪار

ٻَهَڻ (٥) راضي ٿيڻ - خوش ٿيڻ

ٻيڙا (۴) قاصد - واٽهڙو - رهگذر (١٣-١٠)

ٻيڪار (۴) جنگ - نفس مارڻ - نفس سان لڙائي

ٻيلو (٣) عاشق يا بيمار جو جسم جو زرد رنگ جو ٿو ٿئي - تيز - ٻاڻ

ٻيهه (٥) سوڙهه - گوڙ - گهٽو اٿلائڻ ٻهلائڻ

## ق

ڦِرڦِر (٥) وري وري - ذري ذري

ڦَڪيون (١) دوائون - سفوف

## ج

جانب (١) محبوب - دوست

جانڪي (١) اڄاڪي

جَبّار (٥) زور وارو - زبردست - خدا جو نالو (٨-٢)

جُزون (٥) ڀاڱا ڪتاب جا - قرآن جا سيپارا

جُسو (٥) جثو - جسم - بت

جَشن (٢) خوشي - عيش - مزو - لذت

جُڪس - جيڪس (٢) شايد - مجاز جو (٢-٦)

جَلُ (٩) وت - ٻاس

جَلي (٥) ظاهر - زباني ذڪر - ظاهري ذڪر

جمع ڪرڻ (٥) گڏ ڪرڻ - حساب برابر ڀيٽارڻ

جُنبي (٢) سنبري - همت ٻڌي محنت ڪري

جِنڊڙو (٨) جنڊڙي - جنڊ - جان (٥-١)

جُوڀَن (٥) جواني (١٠-٧)

جوت (٥) روشني - سوجهرو (١٦-٣)

جُوئرا (٣) جيرا - جگر

جُوءِ (٥) جاءِ - رهڻ جي جاءِ - ڏيهه - جانورن جي چرڻ جي جاءِ (٥-٢) (٢٠-١) (٦-٤)

جِي (٨) سڏ جو جگو يا خوشيءَ جو جواب - حاضر - لبيڪ

جيڏوئي (٣) گهٽوئي - جاجهوئي

## ج

جِنڊڙو (٣) جنڊڙي - جنڊ - جان

جِيرو (٣) ٻاهر - ميچ (١١-٥)

(١٣-٢) (١٣-١٢) (١٩-٥)

(٢١ ٢) (٢٢-٢) (٣٠-٤)

## جهه

جَهاڱو (٦) جهلڻ وارو - تحمل ء

بردباري سان - صبر ۽ خوشي سان - بخشو

ڄهپ (٦) ننڊ - پنڪي (٦-٥) (٧-٣)

ڄهولي (١) منجهه - ڪانبو - ڪپڙو جنهن ۾ بيمار ڪي ڪٽن

## چ

چاليهو (٥) چلو - اعتڪاف - چاليهه ڏينهن تڪ هنڌ ويهي عبادت ڪرڻ

چانگ (٦) هڪڙي قوم يا ذات - بهادر - پهلوان

چاهہ - چاء (٣) محبت - عشق - نيهن - باهہ يا باهہ جو حال (١-٣)

چِتان (٥) چت سان - دل سان - چت مان - دل مان - دليان (٣ ١) (٥-٢)

چُتڪا - (چاڪ چُتڪا) (٦) ڪانن جا لت

چڪاڻ (٣) شراب ڪيڙڻ - گاڙڻ

چُڪيا (١) چُڳا (١ علاج - معالجو

چُڻڪ (١) بيماري جو اثر - يادگيري

چورالڪي (٢) چورن واري - چورن جي

چُوڪي (٣) جوڪو - جڳو

چيتُ - (٦) سمجهه - اٽڪل - خيال (٦-١)

چيٺ (٢) گهڻا ڏينهن علاج ڪرڻ - جيت ڪرڻ - سنڀال ڪرڻ - خبرداري ڪرڻ (٢-٥)

چِيهُون (٢) چِرون - وِرون

## ڇ

ڇُٽي (٥) ڇهي - لڳي - ڇهڻ سان (٢-٧)

ڇياءِ (٣) اُجهاءِ - باھ جهڪي ڪر

ڇنڪڻ (٣) آواز ڪرڻ

## ح

حالُ (٥) حقيقت - وجد جي حالت

حبيباڻي (٧) حبيب جي - محبوب جي

حُجرو (٥) ڪوٺي- خصوصاً مسجد سان لڳل ڪوٺي (٢١-٣)

حضُوري (١) حضور ۾ پهچڻ- واصل بالله

حقاني (٥) حقيقي - حقيقت جو

## خ

خامُ (٧) ڪچو - چٽ - نادان جاهل (٣٠-٣)

خفي (٥) مُخفي - ڳجهو- باطني يا دل جو ذِڪر (جلي جو ضد) (٢٠-١)

خُلت (٣) دوستي - محبت (خليل مان) (٢٧-١)

خُماريا (٣) نشي ڪيا - خُمار ۾ ورتا

خُودي (٨) پاڻ پاڻڻ - خود پسندي - هٺ - وڏائي

خُيرڪين (٨) خوشي- نيڪبختي سعادت - سُک - خيرعافيت

## د

دال (٥) دوزخ جو پهريون اکر - يعني دوزخ

داؤدي (٦) گل جو نالو

ڏرسُ (٣) سر ۾ - سر ڏيڻ - مٿي ڏيڻ ۾

ڏم (٥) پساھ - ماڻ (٦-١٠) زوُر - قوت

ڏوُرُ (٥) سبق وري وري پڙهڻ ياد ڪرڻ

دُوئي (٣) ٻيائي

ڊِيپڪا (٥) ڏيو - چراغ

ڏيُون ڪرڻ (٦) تابش ڪرڻ- جمڪڻ - بهار ڏيکارڻ (٢٠-٣)

## ڏ

ڏاتِ (٢) عادت - ڪار - ڪم ڏاڻ - تات

ڏار (٤) ڏاري - وٿ -- ٻاس - ٻاسي

ڏُڄڻ (٤) لڏڻ

ڏَڳائڻ (٣) ڏُکائڻ

ڏَڳڻ (٣) اڱرن جو ڏُکڻ يا ٻرڻ (ڪاٺين جي ڏکڻ کي ٻرڻ چون)

ڏَمٽوار (٣) ڏنوڻ وارو - هوا هڻڻ وارو

ڏَنڻ (٣) اڱرن کي هوا هڻي ٻارڻ

ڏَنڀوڙن (٣) ڏنڻ جو آواز

ڏُنڻي (٣) ڦوڪي - هوا هڻڻ سان - ڏنوڻ سان

ڏُوڏو (٣) ٽانڊن جو ڍڳ

ڏُوڏيو (٣) ڏنوڻ يا ڏمڻ وارو- اڱرن جو ڍڳ

## ڍ

ڍالار (٤) ڍيندڙ - هٿي خريد ڪندڙ - گِراڪ

ڍائُ (٨) ڍاڍو - گهٽو - زياده - مضبوط

ڍباٿون (٣) ڍوائون، ڍورايا، ٻاراتا

ڍَڳُ (١) نادان - الجهاڻ - اڻ پڙهيل (٢٢-١)

ڍَمُر (٨) ڪاوڙ - چڙ - غصو

ڍَوائُون (٣) ڍورايا - طعنا

ڍولائو - ڍولاهو (٨) ڏُکر - رولو - تڪليف - مُصيبت (٧-١) (٧-٣) (١٣-١١)

ڍيناٺي ڍيٺ (٩) نظاري جا ڏسندڙ - تماشو ڏسندڙ - حسن جمال جا ڏسڻ وارا

ڍيورا (٥) ڏيِو - چراغ (ديپڪا)

ڊ

ڊپ (١) دوا- اڪين جي دوا
ڊيڙا (٢) ڊپ- دوائون- علاج
ڊُکن (١) بيمارن - مريض - ڪريلن- اگهن

ڍ

ڍار (٥) طرح- دستور- وستو
ڍيون (١) ڍليون- ڀڪين قاسائڻ جون ٽوڪريون - ڍيون

ر

راس (٣) سڻون- موچارو
رحمان (٥) مهربان- رحم ڪندڙ- خدا جو نالو
رسيلا (٥) رسيل- ڀلتل واصل (١٢-٣) رس ڀريا- چڱا- وڻندڙ (٧-٢)
رڪ (٦) سڪل

رنجور- رنجوري (١) بيمار- مريض (٩-٧)
رند (٦) رستو
رندي (٥) بد رسمي- بد نامي- بي ننگائي- مست- محو
رنگڻ (١) رنگڻ - ليلائڻ - ڪنجهڻ- ڪرڪڻ- دانهون ڪرڻ
رڙڪ (١) دانهن - ڪنجهه ڪرڪ- عاجزي جي دانهن
رومي (٥) رومر جو ماڻهو- رومي نقاش، جنهن جي ڳالهه مثنوي ۾ ڏنل آهي
رهاڻ (٥) وندر- مشغولي- رٿ تجويز
رهبر (٧) سونهو- راهنما
رهڻي (٥) رهائڻ- عمل ڪرڻ ياڻ هلت ڪرڻ

# ز

زاني (٥) زنا ڪندڙ- فاسق ۽ فاجر- گنهگار

زهُ (٨) ڪمان جو ڏاگهو جو جانورن جي آنڊن مان جوڙيندا آهن

# س

سابق (٥) اڳيون - مٿيون - دوستي يا محبت جو رستو

ساڃاهه (٥) خدا شناسي- معرفت

ساڃاه (٣ سڃاڻپ - واقفيت - نسبت (٢٠-١)

ساڃاڻو (٨) ساڃاهه وارو- سمجهه وارو- ڏاهو

سالم (٥) خاص - خالص - نج - صاف - پاڪ

ساندارڻ (٣) سندان اوهه جو جنهن تي تتل لوهه رکي مٽرقا ٺٽندا آهن

سانگ (٣) سانگو - پرواهه - قسمت - سفر (٥-١) (٥-٣) (٦-٤)

ساهُو- سَهاءُ (٩) سهائي روشنائي
ساهوجي معنيٰ پهلوان به آهي.

ساءِ (٣) لذت- سواد

سائر (٣) شاعر

سائل (٣) سوال ڪندڙ- سوالي

سائو (٣) سڪر- اشراف

سائو مُنهن (٦) ڦڪو منهن - زرد رنگ

سبيل (٥) سچي - خالص - گهٽو (١٣-٢) وات (٢٣-٣)

سپُر (٧) چڱيطرح - چڱو ڀريل - مضبوط - سائو

سَٿ (٥) صحبت - سنگت - جماعت - ميڙ

سُترو- سُتري (٧) سولو- سولي آسان - سهنجي (٦-٥)

سِٽ (٣) جوڙ

مِتڻ (۴) جوڙڻ - رِڙڻ (٧-١)

سٿ جوڙ (۴) مقابلو ڪر- سامان پورو ڪر- ترتيب ڀار (٣-٢)

ستاڻي (٨) سخت، مضبوط (٩-٣)

سَپُ (۴) نانگ - بلا

سُهجي (٥) رهي - پيدا ٿئي

سَہَڪُ (٨) پورو پڪل - تازو- چڱو (٦-٨) (٩-٨)

سَڦُرو (٧) چڱو- تمام چڱو (٦-١)

سُڄاڻ (۴) سمجهه وارا - هشيار (۴-٢)

سڄين الگڙين (٧) سڀ عضوا سڄا - صحيح سلامت - تندرست

سڄهاڻِ (٢) ٻاهر جو پرڻ - سُورن جو پيدا ٿيڻ

سڄهي رهيا (۴) ڪامي ويا

سُڄ ڪرڻ (۴) جٺ ڪرڻ - ڪپاڻڻ - ڪُتاڻڻ

سَڃَڻ (٣) ڄتائڻ - نشان ڪرڻ دل تي رکڻ - ياد ڪرڻ (٢-٥)

سُڃيت (٦) هشيار - خبردار (۴-١)

سُرُ (٣) گاهه جهڄو ڪانو تير وجهندا آهن- يعني - تير- ڪانُ

سُرُ (۴) وسندي جاء

سُرُ (٧) ساز- سنهار

سِراڻَ (٣) ڪپڻ يا ترارن جي تکي ڪرڻ يا لاهڻ جو اوزار يا پهڻ

سراڻي (٣) سراڻ وارو- صيقلگر

سُرخرو (٧) اگهيل - مان وارو- مقبول - عزيز

سَرَڻ (٧) گذرڻ - رهي سگهڻ- گذرڻ

سِرڻ (٩) رڙهڻ - هلڻ

سرو - سري (۴) شراب

سُرهاڻي (۸) سُرهاڻ - خوشبو

سُريو (۸) حاصل ٿيو - اُٿيو

سُڪڻ (۳) ڌُڪڻ - ڌڪڻ - ڏچڻ

سُگهر (٥) رستو - راهه - وات (۶-۲) (۶-۷) (۹-۸) (۱۰-۲) (۱۳-۱۲)

سُلُ (۶) تنگ - سوراخ - ڏُکُ (۶-۹)

سُلوڪ (۷) فقيريءَ جو رستو - تصوف - صلح - چڱي هلت

سُلڻ (۲) چوڻ - پڌائڻ - ڳجهه ظاهر ڪرڻ - پڌائڻ (۲-۷) (۶-۴)

سلي (۲) سوراخ ڪري - وڍي ٽڪي - عذاب ڏئي (سلڻ)

سُنبرڻ (٥) ياد ڪرڻ - يادرکڻ

سُنجهه (۱) سانجهي - شام

سُدواريو (۸) سهاڳو - نيڪبخت

سڌڪڻ (۶-۷) ڌڪڻ - ڏچڻ

سونڻ - سولنڻ - سولنڻ (٥) سنڀالڻ - لهڻ (٥-۲) (۶-۳) (۶-۱)

سوجهڻ (۶) ياد ڪرڻ - سنڀالڻ

سودا ڪرڻ (۷) واپار ڪرڻ

سُوتا (۳) سنوان - سڌهو

سُورا (۸) پهلوان - سورهيه

سُوران (۸) سُورن مڃهان

سُوڙهه (۶) بهادر - پهلوان

سُوري (۶) ڦاسي - دار

سُونهارو (۸) پاڪ - مقدس - شريف

سُونهين (٥) سُونها - واقف - رهنما

سُهاڳي (۸) سُکهه - سهاڳو - آرامي

سهائو - سهائي (۹) روشنائي سوجهرو

سيرُ (٧) گُسَ - رستو (٧-١) (١١-١)
مِيلو (٣) سٿون - ڀِل يا سُوڙ و-
تير
ميلُهه (٥) ڪندا
ميڻگ (٣) ڪمان
مِيڻن (٥) سان - تائين (١٠-١)
(٣١-٥)
ميڻُ (٥) مائٽ - دوست - سڄڻ

ش

شادي (١) خوشي - خوشخبري-
بشارت
شاڪِر (١) شڪر ڪندڙ - خوش
شُفا (١) چوتڪارو - صِحت -
تندرستي

ص

صالح (٣) نيڪ آدمي
صبِيّ (٢) سوکو - آسان

صرف نَحو (٥) عِلم صرف نحو-
گرامر - رواجي تعليم
صلاح (٥) مصلحت - چڱو ڪم-
راضپو (٦-٨)

ط

طالِبُ (٥) سالڪ - مريد - فقير-
خدا جي طلب ڪندڙ
طالِح (٣) صالح جو ضدّ - شرير يا
خراب ماڻهو
طالع (٣) قسمت - نصيب -
ستارو
طَيرُ (٢) پکي

ع

عرفان (٥) معرفت - خدا شناسي
عزازيل (٥) ابليس - شيطان
(٩-١) (٣٠-٢)

عُطا (٨) بخشش (٢٧-٣)

عقابيل (٦) تير - عقاب جو پرُ

عميق (٣) بحر - اونهو سمنڊ - (٣-٢)

عيان (٨) ظاهر - پڌري

## غ

غُربت (٨) غريبي - مسڪيني - ماٺ - صبر (٢١-١٠)

## ف

فرقُ (١) فائدو - تفاوت

فُرقان (٥) قرآن - جو سچ ۽ ڪوڙ جو فرق ڏيکاري (٢١-٥)

فرهي (٥) تختي پڙهڻ جي - پٽي - لوح قلم (٢١-٥)

## ق

قاضي (٨) قضا يا شريعت جا فيصلا ڪندڙ

قُدورِي (٥) شريعت يا فقه يا حديث جو هڪڙو ڪتاب

قُربيت (٨) قرب - محبت

قَوّال (٤) ڳائيندڙ - ڳائڻو (١٤-١) (٤-١)

## ڪ

ڪاتِب (٥) لکندڙ - قرآن لکڻ وارو

ڪارايل (٤) مور (١٠-١)

ڪارڻ (٧) سبب

ڪاڙُون (١) دانهون - عاجزيون زاريون

ڪافِيا (٥) ديني فقه جو هڪڙو ڪتاب

ڪامُ (٦) ڪم (هندستاني)

ڪانُ - ڪاني (٣) تير

ڪالبين (٣) ڪندن جي ڪالبين ۾ جنهجي نام لکي

تي ٽڻي
ڪانهر - ڪانئر (٥) ڊڄڻو -
ضعيف - سست - ڪاهل
(٣٠-٤)
ڪانيارو (١) ڪان لڳل ماڻهو -
تير سان زخمي
ڪانيارو (١) ڪاڻ وارو -
ڪاڻ ڪيندڙ - محتاج -
گهرج وارو - شرمندو -
(ڪانياري) (٦-٢) (٦-٣)
(١٠-١)
ڪاهلُ (٥) ڪانئر - سُست
ڪاءِ (٤) ڪائي، ڪا ہ
ڪبرياءِ (٥) يعني ڪبرياءِ
سان - هٺ ۽ وڏائيءَ سان -
خود بينيءَ سان
ڪتانڻ (٨) ڳسائڻ - نتائڻ -
تارڻ
ڪٽُ (٤) تکو شراب، جو گهڻو
نشو ڪري - ذرا ذرا -
سيڪو - ڪُتو
ڪٽُ (٦) ذرو - تکو (شراب)
(٦-٨) ڏڪ - سُستَ - رنگ
جنهنسان ڪنير ڦانون تي
ليڪا ڪيندا آهن
ڪُنڪا (٤) ٺُڪَر - ٻرزا
ڪَنڻ (٨) ڏينهن ڪاٽن - گذارڻ
ڪُچَڱ (٢) نالائقي - نامناسب
هلت - بي ڍنگائي - بي راهائي
(ڪچُ - قبيلو راڄ)
ڪچل (٤) سرمو
ڪُهاڙيان (٥) ڪهاڙي کان
ڪهڙي سڀان - جو - جيالاءِ
ڪَرُ (١) سينو - ڳات (٦-٤)
(١١-٤) (١٣.١)
ڪَر (٥) جڻ - گويا (٦-٣ ۽ ٩)
ڪِراماً ڪاتبينَ يعلمونَ ما
تفعلونَ (٥) قرآن (٨٢ سوره)

مان - يعني سگهورا ملائڪ الڪڻ وارا - آدمي جيڪي اوهين ڪريو ٿا سو جاڻن ٿا

ڪَرڻ (۴) چيرڻ جو اوزار- وڍي ڪا رائي

ڪَرَلاهُو (۲) ڪَرَ يا خبر لهڻ وارو- سنڀال لهندڙ

ڪَرنگهر (۱۰) هڏيءَ جو ڪنڊو يا هڏو (۸-۲)

ڪَرهو (۸) اُٺ (۵-۲) (۳-۱) (۱۹-۵)

ڪِري (۲) پرهيز

ڪِريندا - ڪريندي (۳) ڪندا - ڪندي (۲-۷)

ڪِڙهه (۵) گهرُ- اندرُ- دِل- سينو جيءُ (۳-۲)

ڪَڙهڻ (۵) ويچار ڪرڻ- خيال ڪرڻ- فڪر يا افسوس ڪرڻ (۶-۷) (۹-۶)

ڪُلّ (۳) مڙئي - جزو جو ضد- وحدت

ڪُلاهه (۵) ٽوپي

ڪُهه (۲) ڪوهه - ڇو

ڪَهَڻ (۶) جوڙڻ - ڪاڇڻ

ڪَنبڻ (۳) ڏڪڻ - ڏڄڻ

ڪَنز (۵) ديني فِقہ جو مڪڙو ڪتاب

ڪُنگرو (۶) ڪوٽ جي ڀت جي چوٽي

ڪَنڪڻ (۱) ڪنجهڻ- بيمارن وانگي دانهون ڪرڻ (۷-۲)

ڪوڏ (۸) خوشي - خواهش - عيش (۶-۱۰)

ڪوڏيا (۳) مشتاق - عاشق

ڪورڻ (۵) وڍڻ - ڪپڻ (۱-۱)

ڪوڙ (۲) وڍيندڙ

ڪُوڙ (٥) ڪوڙين - ڪروڙ- ڏگهه

ڪُوِيجُ (١) ڄڃ طبيب - نيم طبيب - اڄاڻ

ڪهٽي (٥) جُوٽي

ڪهانڊ (٥) ڪتان، ڪهڙي هنڌان

ڪَيف (٤) شراب - نشو - مستي (١٩-٢) (١٩-٣) (٢٤-٢)

ڪِينو (٦) دشمني - سرڪشي - وير

ڪٽيُون (٣) ڀُرزا ڀرزا - ذرا ذرا

ڪم

ڪانْٺ (٨) ڪميا - تحمل - صبر - بُردباري

ڪاٽا (٣) جليا - سڙيا - عشق جي باهه رکندڙ

ڪُڏي (٥) ڪولي - حُجرو

ڪڏِيا (٤) نشئي ٿيا - مست ٿيا

ڪِردار (٤) پارسي ڪردار - افعال نيڪ افعال رکندڙ

ڪُمندڙ - ڪمندو (٨) ڪمڻ وارو - ڪميا وارو - صبر ڪندڙ (ڪمڻ)

ڪيڻ (٨) کاڌو - غذا

ڪُمندن (٣) ڪميا وارن - صبر ڪندڙن

ڪُمي (٨) صبر ۽ تحمل ڪري (ڪمڻ)

ڪديو ڇڏين (٦) ڪُسايو ڇڏين

ڪُورو (٤) باهه جو ڪُورو - شراب جي ڀٽي

ڪيپُ (٤) ڪايو - ڪپڻ - ڀڪي

ڪيلڻ (٦) راند ڪرڻ

ڪيڻ (٨) کاڌو - طعام - خوراڪ (٩-٨)

## گ

گاڏيون (٣) گڏيون - گڏيل.

گُرُ (٥) پير يا مرشد هنڌن جو

گُرت (٧) خرچ - سمر - ناڻو

گوڙ (٧) چيلهه کي ٻڌڻ جو ڪپڙو - لانگوٽو - ڳنڍ - ڪيسو

گوري (٢) گولي - حَبَ - گُليلو

## ڳ

ڳڀرو (٦) جوڪر - ٻار - نينگر نوجوان

ڳچ (٩) ماس - گوشت جو ٽڪر (٥-٣) گهڻو - سڄو - پريل (٣-١) (١-٢-٤)

ڳري (٣) ڳپ ۾

ڳري (٧) ڳلي - ڳهڻي

ڳنڍ ڪرڻ (٨) ڳنڍ ۾ ٻڌڻ - وٺڻ - هٿ ڪرڻ

ڳنڱاڻيا (٣) بيهوش ٿيا - نستا ٿيا - ناري چڙيا

ڳڻ (٨) لياقت - احسان - ڀلائي

ڳڻان (٨) ڳڻ ڪري

ڳوري (٦) گور - قبر - مصيبت

ڳهر (٣) نشو - غفلت

ڳهه ڳهه (٥) اجايون - بيهوديون بڪبڪ

ڳجي (٢) وئي

ڳيڙهڙي (٣) معرڪي - ڪچهري

## گهه

گهاءِ (١) زخم - ڦٽ

گهاءُ (١) گهاو ڪان

گهت (٣) پيري - دفعي

گهٽ (١) ڪليجو - جگر - نڙي - نڙگهٽ - اندر (١٠-٢)

گهٽڪڻ - گهٽڻ (٢) گهٽجڻ

# ل

**لَڪُوفِي** (۵) ڪُوفي ناهي
يعني ڪُوفي جي ماڻهن جهڙو
وير رکندڙ يا دغاباز ناهي

**لاڳپ** (۴) آشنائي - دوستي

**لَا مَقْصُوْدُ فِي الدَّارَيْنِ إِلَّا هُوَ** (۵)
قرآن مان - يعني ٻنهي جهانن
۾ ٻيو ڪو ۾ مُدعا يا مطلب
ڪونهي سواء خدا جي -

**لاهوتي - لاهوتيو** (٦) فقير-
سادو - صوفي - سالڪ -
عاشق - لاهوت لامڪان جي
منزل تي پهتل (۲۲-۹) (٦-۲)
(۵-۲) (۱۹-۲) (۳۴-۲)

**لِتاء** (۷) لِنيئي - بند ڪيئي

**لڄي** (۷) لڄ ڪري - شرم
ڪري - پاسو ڪري

**لِڇڻ** (۹) موٽڻ - لُڏڻ - ڌڇڻ

**لعل ٿيڻ** (۵) رڱجڻ - سرخرو
ٿيڻ - ڳهوٽ ٿيڻ

**لعنتي** (۵) ملعون - پليت -
شيطان رجيم

**لِڪ** (۴) ذرو - ٿوري دير
(٦-۲) (۱۰-۵) (۱۱-۴)

**لُڪُ** (۵) ماندائي - درماندگي
مونجهارو - گهٽتي (۹-۵)

**لُڪاء** (۳) لڪا پوي - خبر پوي

**لُونيون** (۵) ڪاٺيون - نادان
زالون - جن ڏينهن غفلت ۾
گذاريا

**لوچڻ** (۵) گهولڻ (٦-٦)

**لوري** (٦) تير - ڪانُ - جهوري
گهٽتي - فڪر - عشق - لڙون
(۹-۵)

**لُونهان** (۳) لونهون - ألا - شعلا

**لوهُ** (۱) تيز - تُڪو - ڪانُ
(لوهه مان جڙيل)

لوهه چاڙهڻ (٦) تيرڪمان ۾ وجهي ڇڪڻ
لهس (٩) سيڪ - سوزش - باهه
لياڪو - لياڪا (٧) جهاتيون - ليا - تنگ مان نهارڻ (٦-٢)

## م

مارڻ (٢) تيرهڻڻ
ماڪ (٣) گهم - شبنم - شراب
ماڪر (٧) قبول - پسند (ماڪرهيو ناڻو انهيمان)
ماڳ (٢ هنڌ - جاء - منزل (٣-٢) ٣-٤-٣)
ماڳهين (١) اصل - پڪ - مور (٦-٩) اتي جواني - شروع کان
مام (٦) محبت - حقيقت (٣-٢) (١٣-٣) صلاح - رٿ - دل جو مطلب (١٠-٦) (١١-١)

(١-٢-٣) (١٠:١)
ماموري (١) تپ - نصيب ۾ لکيل يا امر ڪيل بيماري
مانبي (٥) منڊ جاڳندڙ - جادوگر - خدا (٣٠-٣)
مائين (٣) ماهن - سمائجن (مانئڻ)
مت (٨) سمجهه - صلاح مصلحت - آچ
متارو - متارا (٣) متوالا - مست شراب پيڻ وارا - شرابي
مٽ (٣) مائٽ - عزيز - خويش
مٽي ٿيا (٣) خراب ٿيا - رکي رکي منجهن مٽي پئجي وئي
مڙڻ (٢) ملڻ - گڏجڻ
مستغرق (٥) محو - حيران
مصيبت (٨) ذکر - بدبختي
مطالع ڪرڻ (٥) پنهنجي منهن پڙهڻ - دلهه پڙهڻ

مُفتي (۸) فتوا ڏيندڙ- جو قاضيءَ
کي فتوا ٻڌائي جنهنتي قاضي
فيصلو يا سزا ڏئي

مُقابلو (۱) مقابل يا روبرو ٿيڻ-
ملاقات

منجهه (۸) اندر ـ دل ۾

مَنجهيان (۴) اندريان

مَن ماٺهه (:) منهنجي دل جو-
منهنجي دل ۽ ماس جو- جسم
۽ جان ۾

مِنهُن (۱) بهانو- عذر

مُنهن (۴) خيال - مت

مُنهي (۱) ننڍو مُنهن- جهونڙو-
ڇن يا ڇنو

مُوڙ (۸ مطلب - غرض

مُوربان (۳) ڪت . زنگ

موريسر (۲) ٻنبيهه - اڪر جي
هڪڙي ٻوٽي جو نالو- اڪين
جي هڪڙي بيماري - چالهون
(۱۳-۱۲)

مُوکي (۴) موکر ڪندڙ- ساقي-
شراب پيارينڌڙ

مُونو (۸) گوڏو (۳-۲)

مُون هيان (۲) مُون جيان-
مون ڏانهن يا اي منهنجا
هيان يا منهنجي دل

مُهانئين (۴) زورآور- ٻتارا-
بهادر

مَيءِ (۳) شراب (۱۹-۲)

مَيا (۱) مٺارا- ٿليا- همت وارا
زوريريا - مهرباني

ميانڻ (۴) ڪپ

ميٺ (۴) مٺاڻ - لذت

مِيڙو (۳) گوڙ - ميلو

ميرُ (۵) پهريون اڪرمحمدجي
نالي جو

ميمُ (۵) ۾ ميمُ جي مُحمدجي
نالي ۾ آهن (۲۱-۴)

## ن

نانو (۲) ننگ - دوستي - واسطو (۲۳-۱)

نازون (۲) نهڙون - نازڪ

ناقصائي (۷) اڻ پورائي - غير ڪاملي - گهٽتائي

ناوڪ (۱) تير - تڪو (۳-۲) (۱۱-۷) (۱۹-۳)

نپٽ (۲) بلڪل

نحو صرف (۵) صرف نحو - گرامر - رواجي علم

نرمل (۳) روشن - صاف - نور وارو - عمدو - محبوب (۹-۹) (۱۱-۴) ۱۸-۱)

نفس (۸) شيطاني نفس، جو انسان ۾ آهي - شهوت - نفساني خواهش - باڻ

نمي (۸) نيڙي - نياز سان (نمي)

نوازڻ (۸) سرافراز ڪرڻ - انعام ڏيڻ - خوش ڪرڻ

نوراني (۵) نور سان پيدا ٿيل - ملائڪ

نهو (۵) ننگ - شرم - واسطو - نسبت - لاڳاپو (۲۱-۱۰)

نئي (۲) نمي - ڪنڌ جهڪائي

نهو (۵) واسطو - ڳنڍ

نياڻ (۸) پاڻي ۾ جو تڙ - چشمو - وام

## و

واٽاڙو (۴) واٽهڙو - وات ويندڙ مسافر

واڌائي (۵) خوشخبري - مبارڪ

وايوڙڪي (۱) وايوڙين جي قتيلن جي

وار (۴) وير - دير

واميننگ (۴) ناڳ - زهري
سپ

وَاللهُ مَعَ الصّابِرِين (۸) قرآن
(۲ سورة) مان - يعني الله صبر
ڪندڙن سان شامل آهي

وَانجيا (۴) آزاد - واندا -
بي پروا - جدا - ڌار ٿيل

وَناهيا (۳) ونهه پر ويٺل گهوٽ

وانئن (۵) وڻن - وچ

واهرو (۵) مدد ڏيندڙ

وائيءِ پوڻ (۳) تڪرار ڪرڻ -
زبان درازي ڪرڻ

وِترا - وترو (۴) ڳهٽا - ويتر-
وڌيڪ (۲-۵) (۲-۹) (۹-۴)
(۱۳-۵)

وَٽ سر (۴) ٻُسر جي اڀوض -
سر جي بدران

وَٺڻ (۸) ونڊڻ - ظاهر ڪرڻ -
حاصل ڪرڻ

وَٽ وَٽ (۴) ڏسو - ٻُهرو - پاڳو

وَنيو (۴) ڏيو

وُجود (۵) هستي - هئڻ - جسم

وِچا (۱) هنر - هشياري - قابليت
علم (وديا)

وچ ٻوڻ (۳) ويڇو پوڻ - جدائي
ٿيڻ ويڙيا پردو پوڻ (۲-۶)
(۸-۶) (۷-۱۰) (۵-۱۳)

وَڌار (۳) واڌارو - زيادتي

وَٽي (۵) سبق جي جاءِ - پڙهڻ
جو هنڌ - ڪاغذ يا ورق جو
پيچڻ يا هيٺو ڪرڻ نشاني لاءِ

وَرَنهه (۳) گهوٽ - مرد بهادر

وِرسيا (۱) پليا - مُنجهيا

وَمائل (۲) وس - همت

وَکار (۵) مال رکڻ جي جاءِ -
گدام - سراءِ

وَکر (۵) مال واپار جو - سامان

وِنگڙو (٥) ڏنگڙو- وَرن وڪڙن وارو

وُوڙ (۴) نهار - وڇڙائي

وَهه (۳) هلُ

وِهائيءَ (٥) سڄي رات گذرڻ کان پوءِ - ڏير - ٻهاڙيءَ ۾

وَهيٺا- وهيٺو (۴) وس - تعلق - اختيار (٦-٥)

وَنَنَ (٥) وئون - وڃ

ويڄائي (۲) طبابت - طبيبن جو هنر

ويل (٨) واڌارو - زيادتي - نقصان

ويرو نار (۷) دردمر - هميشه - مدامر - ساندهه (۹-۱۹) (۲۲-۱) (۳۱-۱۰)

ويڻ (٨) نا پسند ڳالهه - طعنو- مهڻو- ڀڇڙو اکر- گناهه جهڙو

ويڻ - وراڻ (٨) سا ڳيو اکر ورائي جئي جيڏڻ

ويري (۱) دشمن - وير ولندڙ (۳۰-۱)

## هه

هارائڻ (٥) کيڙائڻ - پوکڻ - هاريءَ جو ڪم ڪرڻ

هاريا (۲) هديا - نادان - ڪم فهم

هاڪ (۴) هَڪل - هلُ - آواز (۴-٦)

هاڪار (۴) هُل - نالو - هاڪ

هاءِ (۳) ظلم - جفا - درد

هُڄي (۷) هڄي

هُرڙائي - هرائي (٨) ملڪائي هيٺائي

هنڀون (۱) گهوڙها - لڙڪ

هُوڙ (٨) تڪڙو - بي صبر

هُوندن (٨) هُوند وارن - هٺڻ وارن - جيڪي جاڻن ٿا ته اسين ڪي آهيون - مغرور وڏائي ۽ ڪاوڙ وارا (۱۰-۲)

هُولڊو (۲) جيڪي مڃي - حاضر

هُوءِ (۳) ها - ظلم - جفا

هيڪالڊ (۲) ميلاپ - نياز - وصل (۱۱- ) (۶-۱۳) (۱۹۱۹،)

هيرڻ (۵) هيرائڻ - عادت وجهڻ

## ۳- سرڪيات

## ا

آڪُڙ (۱) چوڙ - ٽنگا لهائڻ

آڳر (۲) ڪڙي قسم جو سُرهو گاهه - اگر

آهر (۱) آهرو گاهه ڪائڻ جو

آٿُرن (۲) بسند اچڻ - وڻڻ

اَبنو (۲) بيٺو

اِناٽڻ (۲) ڪُٽڻ - تڪو ملڻ - جلد ڪٽي ملڻ

اَڌمڻ - اَڌامڻ (۱) اُٻرڻ - سُور وانگي پيدا ٿيڻ (۱۱-۴) (۱۳-۶)

اِڙتُ (۱) سڄ - ڪڙي تاري جو نالو (اڌ تواراٺهيءَ ان نڪتل)

آڙي (۱) اٽڪي

اَمُور (۱) اَمر - اڌ رات ڪان پوءِ (۳-۲) (۱ ا-۳)

اُڪنڊيا (۱) سڪنڊڙ

اولاڻيو (۱) خالي - ٿبڙن ڪان سواءِ

اڱر (۲) سبب - رستو

آڪيا (۲) اڪين ڪي بڌڻ جا ڪوبا

اماڙو (۱) اُبرڻ يا نڪرڻ جو وقت - جهڪاٽ - اوڙهه

اوپارو (۱) اُبرڻ - اُبرڻ جووارو يا ڏيندڙ

اُولاٺو (۲) خالي - سکڻو

آهُر (۱) آڌرو - وڻاڻ

ابلہ چيون (١) قوتا - الاجي

## ب

بابو (١) فقير پرديسي - سامي (١٩-٣) (٢٠-١) (١٤-١) (٢١-٤)

بَاننا (٢) تلھا لڪڻ - ڏڪا - لميون

بُٺ (٢) ٻٺ تي - ٻٺ تي - ميدان تي - گھٽا - جڇھا - اٺ

بگھاڙيون (٢) نير - زنجير - لوھ جا ھٿا جي پاڪڙي کي ھٿبا آھن

بِاللهِ (١) قسم آھي خدا جو

بَٺ (١) گھٽا - ميدان تي

بُٺ (١) ٻني - ديرو

## ٻ

ٻابل (٢) ٻابو - چاچو

ٻَنڌڻ (١) ڪمربند - همت جي ڪمر

ٻوڙُ (١) ٻوڙو - انو - (٣-٢) اٺ ڏاگھو - وطن جو ٻوڙو يا مُڪرٻون (١١-٢) (١٩-٣)

## ڀ

ڀِت (٢) تڪيو - ٽيڪ - آسرو

ڀَتارو (٢) ڀلو - مٽارو جانور - اٺ

ڀَرِ (١) آڌار - ڀروسو

ڀلُ (١) ڀلو (وھت) جڳو - موافق

ڀَنيوُاڻ - ڀنيولجڻ - ڀَنياڻ (٢) مست ٿيڻ - بگڙي ٻيهڻ - بيهوش ٿيڻ - پريشان ٿيڻ - ڏکن ۾ ٻوڙڻ (٩-٨) (١٠-٧) (١٩-٧)

ڀُور (٢) اُٺ جو رنگ - ڀورو - اُٺ

ڀيچ - ڀيچ ڀنئي (٢) ڀرم ڀتي -

رات گذرڻ کان پوءِ (١-٣١)

پيَرَ (١) پرتوا - چمڪاٽ - نُور - نشان

## ٽ

ٽاٻ (١) ٽوپو ڪندڙ - پچائيندڙ

ٽرمڻ (٢) نهارڻ - واجهائڻ - انتظار ڪرڻ

ٽروڪڙي (١) ٽِڪو - خال - چٽُ جو سُٺي هٽڻ سان ڳلَ تي ڪيندا آهن

ٽَڪُ (٢) اٽڪل

ٽُوَر (٢) ٽَر - وري قتل وٽ

ٽوڙ (١) آخر - منزل - پڄاڻي

ٽيلي (١) تيل جهڙي - رنگ جو قسم - خراب شڪل - جاکيءَ جهڙي

## ٿ

ٿاٿو (٢) جاءِ

ٿُڪڻ (٢) ٿُوڪڻ - ٿُوڪي اُڇلائي ڇڏڻ نرويڻ ڪري

## پ

پاريُون (١) واريون - طرف

پاڙڻ (١) برابر ڪرڻ، پورو ڪرڻ (٦-٤)

پاتُهيرو (١) پوءِ پرو

پاهوڙي (٢) توبرو - ڪٿو يا ٻي شيءِ جهنبرائي ڪي انّ يا گاهه کارائيندا آهن

پَٽيون (٢) ميدان - پَٽَ (١-١١)

پَرمَل (٢) ميلاپي ماڻهو - دوست پين جو مددگار - خوشبو - (٧-١) (١١-٦)

پڙ (١) گهاٽي جو چڪر

پڙلاءِ (١) عڪس - پاڇو

پَڙِ (١) برابر يا مٿ ٿيڻ

پَلَڪَ (١) اکين جو ڇپر- اکر چنب - ذرو- لحظو

پلڪ (٢) ڪت - ڇپر ڪت (١٠-٦)

پُنِ (٢) پاءِ

پُور (١) گهٽو- ٽڪو- اٽ جو ٽڪرو پند

پُوچ (١) گهٽيا

پيتم (١) پريتم - محب

پيڪو (٢) پيءُ جو- ابي ڏاڏي جو

پَيَنَد- پند (٢) پابند - پيوند - رسا پڌڻ جا- ڏانوڻ (١٢-٢)

## ق

قُل - قلا (٢) گل

قلڙيون (١) نديڙا گل قل- نقش

## ج

جُر (١) پاڻي- جرڻيون - پاڻي ۽ پٽ - سڪي ۽ پاڻي

## ڄ

ڄُمُر (١) ڄمار - عمر

## جهه

جهالڙون-جهالڙيون (٢) لپا- لڪي ڏسڻ

جهات (٢) جهٽ ڪرڻ - چالاڪي - تڪائي - همت (٧-٣)

جهوري (٢) فڪر- ڳڻتي - پريشاني- ڏيو- سستي (٩-٤) (٢٢-١)

جهيڻو (٢) ضعيف - آهستو- آرام سان

## چ

چاڙهيڪو (١) سواري- جڙمڻ

جي جاءِ، جتي ڪي پاڙون
زين وغيره - جاڙهي - جڙهڙ
جي طاقت (۱۰-۷) (۱۳-۷)

چاڪُ (۲) ناز

چالڪو (۳) اُتُ (۱۳-۱۲) (۱۹-۱)

چُٽ (۲) لذت - چَسُ

چٽائي (۱) صفائي - اڇائي -
روشنائي - سُهائي،

چِنگهڻ (۲) ڪُرڪڻ - ڪنجهڻ

چِرڻ (۲) چُرڻ - ڪائڻ

چونڊو (۲) وار- وارن جو واڳوڙو

چُوپو (۲) جا ٿي چوپي وات
مان ڪڍي جتي ڪمانڊ
ڪاٺ وقت ڪيو آهي

## ڇ

ڇيڪ (۲) حرت - آزاد - پنهنجي
منهن - خرشي وارو

## ح

حال (۲) في الحال - هيئنر جو
هينئر - دار

حق (۱) سچ - پورو

## خ

خامي (۱) ڪچائي - ڪچا-
خام (۲۱-۱)

## د

دَوامي (۱) هميشه جو - مدامي

دُوپر (۲) زنجير، جو وهت
جي پوئين ٽنگن ۾ وجهندا
آهن

دُوَدستي (۲) زنجير جو
ڏانوڻ وانگي وهت کي
اڳين ٽنگن ۾ وجهندا آهن

## ڏ

ڏانئڻ (۲) ڏانوڻ وجهڻ - ڏاڻڻ

ڏاڻيون (۲) ڏانوڻيون - ڏانوڻ

ڏ

ڏارَ (٢) ڏؤل - چال - دستور (٥-٢-١)

ر

رُڪَ (٢) رُڪَ

رُلڻ (١) رستو

ريٽ (٢) ريو ڪچو - دريا جي ڪپهي جي زمين

ريهڻ - ريجهڻ (١) ريجهڻ - لهي وڃڻ - گنيدڻ - لنؤن لائڻ

س

سانڍڻ (٢) گهارڻ - گذارڻ - وقت گذارڻ

سانڍڻ (٢) سگهڻ سان ڪرڻ - روء مقابل ٿيڻ

سامي (١) فقير (١٩-٣)

سانگ (١) بابر وڃڻ - جو سبب جدائي - سفر- پرديس- سانگو

سانگاهڻ (٢) سمجهڻ - خبردار ٿيڻ

ساءُ (١) سواد - لذت

سٿ (١) پاتاري - قافلو - جماعت

سچائي (١) سچائي - ڀلائي

سُڃڻ (٢) سامهون ڪرڻ - هٿڻ اُلهاڙڻ

سَڌڻ (٢) سڌ ڪرڻ سان

سُرڀ (٢) سنڀال - خبرداري

سَرِ چڙهيو (١) روبرو ٿيو - مقابل ٿي

سِرڪنڌ (٢) صندل - چندن جو وڻ - سرهو وڻ (١٩-٤)

سَنگهر (٢) زنجير - گهڻي ڇهن جو گهُٽ يا گانو

سُنيهو (٢) نياپو پيغام (١٠-٧) (١٩-٤)

سُواداڻي (٢) چڱي واڌائي - خوشخبري

سُوٽ (٢) چڱا وڻيل

سُورج (١) سج

سهائي (١) سوجهري واري - تارن جي روشنائي واري - چانڊوڪي

سهڻ (٢) سُٺ جا رسا

سيٽرڙ (٢) تنگ جهلڙ - ٻکر وجهي جهلڻ

سيج ٽيڙ - شيج ٽيڙ (١) چڙهڻ - اُيرڻ

سيما (١) پيشاني - پيشاني تي سجدي جو نشان سيميا يا طلسم جو علم جو ڪيميا وانگي مخفي آهي

سيڻ (١) تائين - سُوڌو

## ش

شَاخون (١) روشنائي جون ليڪون - ڪرڻون - شعاع - ترورا

شَب (١) رات - گهڻو گهوم (١٨-٣)

شَمس (١) سج (٣٥-١)

## ع

عامي (١) عام ماڻهو - اڻڄاڻ - جاهل (١٨-٣)

## ق

قصبفي (٢) قطيفو - مخمل جو ڪپڙو - عمدو ڪپڙو

قَمَر (١) چنڊ

## ڪ

ڪاڪت (٢) طاقت

ڪامَ (١) اڪرڻ مڪلڻو

ڪامڻ (٢) جادو- ڪامڻي-
سهڻي زال ( ١-٦) (١٩-٢)
(٣١-٢)

ڪنيُون (١) تارن جو ميڙ

ڪُتَ (٢) ڊرائي - گِهٽتي -
گاهِيتو- ويچار

ڪَپُور (١) ڪافور - هڪڙو
خوشبودار وڻ (٣-٢)

ڪدِ هفي - ڪُدهفو (٢) تطيقو-
اطلس - مخمل- هڪڙو قيمتي
ڪپڙو

ڪُدا لور (٢) سدا توري جو
بِد - نا صالح - ڪڌ هرو - بد
اخلاق

ڪُرُ (٢) ڪُتنب - ڪُڙم -
ذات - حسب نسب (٣١-٢)

ڪَسرَ (٢) گيسر- ديرِ- ڊرائي-
سُستي -گهٽتائي

ڪُنگُو (٢) لوا - لوَن جي مور

يا انهن جا گُل

ڪنوات (٢) نتيڊو جوان ات

ڪُنورَ (٢) ڪنول - گل نيلوفر
گُل

ڪوڙِ (٢) ڪوڙيون - ڊِيهون
گهٽيون - ڪروڙيون

ڪَهِ (٢) اثر

ڪَيڪانُ (٢) گهوڙو

ڪيهي (١) ڪهڙي

## ڪم

ڪاڏو (٢) ڪاڏي - پوُت - ڪاڏو
ڪوڙِڻ - پوت ڪوڙِڻ - منهن
پر ڪِرڻ ضعيفي جي سبب

ڪامِ (١) ڪامڻ - پچڻ - ساڙو
سوزش - حسد

ڪَتڻهار (٢) گل جو نالو - گُل
جو وڻ

ڪهائڻ (١) ساڙ ڏيارڻ

کُڙُ (۱) کُڙُ- خراب آدمي -
کريل ماڻهو - رقيب - دشمن
(۷-۲) (۱۸-۲)

کرڻ - ڪِرڻ (۱) (۲) روشني
ڪرڻ (۱۹-۸)

کنهاتڙي (۲) کنهات جي
راڳڻي - پيازي - محبوبه

کنڊُ (۲) رستو (۷-۱)

کبيت (۲) کيتي - ٻني

## گ

ڳلي (۲) ڳچي = ء

## ل

لاکيڻو (۲) لکن جهڙو - جڳن
عادتن وارو - عمدو - قيمتي

لامي (۱) لمندڙ - نمندڙ

لڏا (۱) ڏسي - طرف

لڏو (۱) ڏڪڙي تاري جو نالو

و-ڇپت

لغار (۲) انگ - ذرو - لُون -
اشارو - اثر (۱۰-۵) (۱۱-۷)

لڪب (۲) لڳا - لڳي (۱-۱)

لڙ - لڙو (۲) اُت (۹-۱)
(۱۱-۱) (۱۳-۵) (۱۹-۴)

## م

ماڪاني (۲) جاڳي اٿهي -
ارادتاً - ڪُڌ ڪري - ماڪ
ء - صبح جي وقت

مال (۲) مالهه - مالها - مهار

مام (۱) مطلب - اشارو

مُهرُ (۲) سگر - ڪندي جو گر-
قرابيل (۱۱-۱) (۱۱-۴)

مهُڙُ (۱) متان

مڙ (۱) ٻڙئي - سڀئي

مشتاق (۲) شوق وارو - عاشق

مشڪ (۱) ڪستوري

مُعمُور (٢) خوش - راضي - ڏاول - سکيو

مَلامُ (١) ملامت - ڏوهه - قصور

مَلوُرُ (١) ملول - غمگين

مَنڊ (١) مانند - مثال - مت

مَنڌُ (١) مڌ - شراب - لذت - مناٽ

منڊ (١) جادو - منتر (٣٠-٣)

موڪ (٢) مالا روپا ڳلي - گهٽو ڳاٽي - وهندڙ ڳاٽي - گهٽو جام - مٺو (٧-٣) (٢٨-١)

مِهاءِ (٢) مِنهن تي - ڀانئي تي

مُهنديُون (٢) موهينديون - خوش ڪنديون - وڻنديون

مُيوَ (١) اَٽ - ڏاگهو

## ن

نامَڙ - نامڙ (٢) اُپرڙ - ڪني ڪيڏڙ

نانگو (٢) اوچتو - ناگهر - ناگر

نِپُرُ (٢) بي پر - بيوس - بيڪس بلڪل - نپت

نپوڙ (٢) نپوڙڻ - ڳالهي ڪيڏڻ منهنجون هارڻ

نِڌان (٢) پڇاڙي - پُڄ - نيٺ گهر (٩-١٢)

نِرتِ (٢) نگاهه - نظر (٢١-١٠)

نِسَتُ (٢) ضعيف - بيطاقت (١٠-٥)

نيٺ (٢) نيٺ جا رسا - نوڙ

## و

واسَ وَرنيُون (٢) خوشبودار - سُرهيون واس سان رنگيل

وَاءُ (٢) ڪراڙن جانورن جي بيماري - ڪاروواءُ

وِچڙڻ (١) رنج ٿيڻ - ناراض ٿيڻ - مُنو پائڻ - جڙڻ

وَنَ يُڻ (٢) پيدا ٿيو - ضعيفي

وَنَ ڦڙو (٢) سخت ميڻهن

وڻ وڙجڻ (٢) ڪاوڙجڻ - چڙڻ - رُسڻ - ورچڻ (١٩-١) (١٩-٤) (١٩-٩)

ورونُهن (٢) صحبت - أنس - حال اورڻ - رهاڻ (٩-٣)

وَڪَ (٢) اُن جو گلو (١٠-٦) (١٣-٨)

وِلُهه (٢) ڪُلي دوا - ماڪ - گهر

وِمامڻ - وماسجڻ (٢) فڪر ڪرڻ - گهٽتي ڪرڻ

وِهه ماه (٢) وِهه ڀرئيون - زهر جي سواد واريون

وهلي (١) جلد - تڪڙي

## ھ

هانهُر - هاهُر (١) ڀونگار - ڀون ڀون ڪرڻ - دڪل

هڏيون (٢) لگڻ - اثر ڪرڻ

هَيدي (٢) هڪڙي قسم جو ٻاڪڙو جو نوڙن ۽ رسن مان تو جڙي - جهل

هير (٢) هن وير - هنير - هاڻي

# ٤- سر سراڳ

## ا

آب (١) پاڻي - درياهه - سمنڊ

آلشي (٥) ٻاهر ڄهڙو - ساڙيندڙ ماريندڙ - خوفناڪ

آچارُ (٣) مثال - نمونو - انصاف نبيرو - فيصلو (٩-٥) (١٨-١)

آچاڙا (٢) اشارا - نشانيون (٣-٥) لهريون - وهڪرا

آڏو (٢) اگيان - وچ تي

آرُ (٢) درياهه جو سخت وهڪرو

أجل - ٻکر - سير (٥) خيالُ
مُيلُ - شوق

آگاھہ (٥) واقف

آگر (٥) خوشبودار ساڙڻ جي
دوا - اگربتي - واس - ڌوپ
(١٩-٢)

آڳهہ (١) وسيلو - آسرو - اجهو-
پناھہ - دَر - مهندار - نظرتي
(٤-٣) (٦-٥) (١٤-٢)

آهار (٣) آهر - آسرو - پروسو
(٤-٣)

أبَت (٣) أبتا - أونڌا - مخالف

آياڳي (٥) نياڳي (٩-٤)

آلاڻ (٥) اڻ تارن - نہ تري
جاڻندڙن

أتر (٣) أترجو واءُ (٧-٢)

أتوريا (٥) اڻ ميا - بيحساب
(٥-٢)

أڀڙڻ (٣) مٿي چڙهڻ - ٻاهر نڪرڻ

أخلاص (٦) سچائي - نيڪ
نيتي - سچي دوستي (٨١-٣)

أرٿ (٤) اشارو - مطلب

اڙي (٥) اٽڪ - مشڪلات

اسارو - اساري (٤) (٥)
ري سار - ري سُڌ - ري ٻُڌ
(٣-٢)

أسري (٤) أڌامي - چڙهي

أمونهي (١) آڻ سونهي - ٺير
واقف (٩-٨)

أڪير (١) ٻِڪ - سَڌَ - خوشي

أگهائڻ (١) عرض قبول ڪرڻ

اگهڻ (٤) قبول ٿيڻ - پسند اچڻ

اَلتائبُ مِنَ الذنبِ ڪَمَنْ لا
ذَنْبَ لَهٗ (٢) حديث - يعني
گناھہ کان توبهہ ڪندڙ اهڙو
آهي جهڙو جڻ تہ ڪن گناهي
نہ ڪيو

اَمانا (۱) بي مانا - بي آبرو (سمانا جو ضد)

اللهشو (۲) فڪر - ڳڻتي - ڊپ

آٽي (۳) نوڪ - ڇهنب - سُنهن

اوباهڻ (۲) ٻهڪائڻ (٦-٨) (٣-۲) (نالو الهه اوباهيو انهيمان نڪتل آهي)

اُوُجُ (٦) جاڙهي

اوڙاهه (۲) ڪُنُ - اونهو درياهه عميق - درياهه جي ڪنڌ - درياهه جو ترو (۲١-٥)

اوسارُ (٣) آسرو - آجهو - تارُو

اُوسُهُه (٥) اوچتو آواز - ڌال (٥-١)

اوْل (۱) ڏِڪ - لهوارو ڪر - اولي سان ڏڪ

اولڻ (۲) ٻاٽي مان لنگهائڻ - لاهڻ - اُجلڻ (٦-۱)

اولو (۱) جهاز جو ولجهه - ٻيڙيءَ جو ڳن (٣) (٥-٣-٢)

اُونائڻ (۱) اُنائڻ - عرض قبول ڪرڻ - آگهائڻ

اُونهو (٦) عميق سمنڊ (اشارو آخرت يا من جهانجو) (١٨-١)

اُهرائڻ (٣) ڏاڪارڻ - هلائڻ

اُهڙائڻ (٣) سيرن يا چيرن ۾ ڏاڳا اگڙيون وجهي بند ڪرڻ

اُهرڻ (٣) لگهڻ - ٽلڪڻ - لُڏڻ

